واڳ سڄڻ تُنهنجي وَس



ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

انوکا اڌيائڻ آزمودا سمرت جيون گاٿا

واڳ سچ تنهنجي وس

ليکڪ :-

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

بي اي ايل ايل بي پرڀاڪر، ڊاڪٽر آف سوشل ويلفيئر، ڊاڪٽر آف جڊيشل افيئرس، فادر آف سنڌي رفارمس، (آنري ڊگريون ورلڊ ڊويلپمينٽ پارليامينٽ طرفان عطا ٿيل) ايڊووڪيٽ، پترڪار، پرڌان اکل ڀارتيه سنڌي سماج ۽ اڳوڻو چيئرمين راجستان سنڌي اڪادمي.

— ڇپائيندڙ —

هندو ڀومي پرڪاش نواس ٽرسٽ

پوسٽ باڪس 89 سنٽ ڪنور رام بازار، اجمير 305001

واڳ سڄڻ تنهن جي وس

سنت چون ٿا ته، اسين هن سنسار ۾ هڪ ڪٺپتليءَ جي سمان آهيون جنهن کي نچائڻ وارو ڪو ٻيو آهي انڪري چون ٿا ته، منهن جي واڳ سائين تنهن جي هٿ ۾ آهي جيئن وڻيس تيئن هلائي. سنت تلسيداس به چوي ٿو ته هاڃي لاڀ جيون مرڻ يش اپ يش وڌي هاٿ. انهن سنت ڪوين مان پريرڻا حاصل ڪري مون به پنهنجي هڪ ڪويتا ”سنڌ سان ناتو“ ۾ لکيو آهي :—

”آءٌ ڇا ڪرڻو مونکي
آءٌ ڇا ٻڌڻو مونکي
آءٌ نه اهو سڀ ڪجهه
منهن جي هٿ وس
آءٌ اهو سڀ وڌاتا جي وس
آهيان آءٌ صرف هڪ ڪٺپتلي
آءٌ جنهن جي ڏور ٻئي جي هٿ“

ڇپيندڙ — واسديو ايسراڻي
هندو يوٿ پرنٽنگ پريس
دوڪان نمبر ٢، نيو مارڪيٽ،
ڪنوينٽسپرا، اجمير - 305001
☎ (R) 420208 ۽ (O) 427566

ڇپائيندڙ — ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي
مئنيجنگ ٽرسٽي، هندو يوٿ
پرڪاشن نياس (ٽرسٽ) سنت
ڪنور رام بازار (ڪنوينٽسپرا)
پوسٽ باڪس 89 اجمير 305001
☎ (R) 420208 ۽ (O) 427566

سال — ١٩٩٨
ڪاپيون — هڪ هزار ڇاپو پهريون
قيمت — ٣٠ رپيا هڪ ڪاپي

ڏهه يا ان کان وڌيڪ ڪاپيون گهرائڻ ۽ قيمت اڳواٽ موڪلڻ تي هر هڪ ڪاپي تي ٥ رپيا ڇوٽ ڏني ويندي.

هي ڪتاب راجستان سنڌي اڪيڊمي جئپور طرفان مليل آنشڪ مالي مدد سان ڇپارايو ويو آهي.

This Book is Published with Partial Financial aid given by Rajasthan Sindhi Akademy Jaipur.

यह पुस्तक राजस्थान सिन्धी अकादमी द्वारा दी गयी आंशिक वितीय सहयोग से प्रकाशित कराया जा रहा है।

آهه ڪيئن آيس سرسوتي جي ڪرپا ڪيئن ٿي اهي
سڀ آزمودا آهه پاڻ کان ونڊڻ چاهيان ٿو. جي
ڪڏهين اوهين به پنهنجي جيون تي گهرائي ۽
باريڪي سان سوچيندا ته اوهان کي به اهو ئي
محسوس ٿيندو ته هيءَ ڪهاڻي منهنجي جيون جي
نه بلڪ اوهان جي جيون جي ئي آهي هر هڪ جي
جيون جي آهي.

سنڌ ۾ مون سنه ١٩٤٤ع ۾ بمبئي يونيورسٽي
مان مئٽرڪ جي پريکيا پاس ڪئي. مونکي پڙهائي
چالو رکڻ جو شونق هئو پر ڪاليج شڪارپور ۾ هئو
مون ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر آرٽس لاءِ ٽرمس رکيا.
شڪارپور ۾ رهڻ جي خيال کان مون نئو ايرا هاءِ
اسڪول ۾ ماستري جي نوڪري هٿ ڪئي ليڪن
نوڪري صرف ١٧ ڏينهن هلي. ايشور کي مونکي ماستر
نه بڻائڻو هئو انکري نوڪري ختم ڪرڻ لاءِ بهانو
بڻيو اسڪول جي سيڪريٽري سان اڻ بڻت جو.
انکري شڪارپور جي ڪاليج ۾ وڌيڪ پڙهائي نه
ٿي سگهي سنت ئي پوءِ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ان
سبب اسانکي لڏي هت ڀارت اچڻو پيو. وديا جو جوڳ
لکيل هئو انکري هت ڀارت ۾ سنه ١٩٤٩ع ۾ انٽر جي
پريکيا پاس ڪئي سنه ١٩٥٠ع ۾ پنجاب يونيورسٽي
مان هندي جي پريکيا پر ڀاڪر پاس ڪئي سنه ١٩٥١

ڪيترا سڄڻ مونکي ٽوڪيندا آهن ته ڊاڪٽر
ناڪرام ايسراڻي تون پڙهيل ڳڙهيل ودوان هيترين
ڊگريون حاصل ڪيل ٿي ڪري به ان ڳالهه کي ڇو
ٿو مڃين ڇو ڪين ٿو فخر سان چوين ته جيڪي ڪجهه
آءٌ آهيان سو مرن پڇن جي محنت سان هٿ ڪيو
آهي . ڪيترا مڙهن جا متر مونکي چوندا آهن ته هي
سڀ مال ملڪيت بنگلا ماڙيون موٽرون سڀ مون
ٺاهيون آهن مون ڪمايو آهي جيڪي ڪجهه آهيان
سو آءٌ آهيان .

متن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي آءٌ ڪين چوندو
آهيان ته ٻڌي ماڻ مان جي چڪر ۾ نه پئو جيڪي
ڪجهه دوست تو وٽ آهي سو مالڪ جي مهر سان آهي
جيڪي تون ٻڌو آهين تنهنکي ڇا ڪرڻو آهي سو
اڳي ۾ ٿي طلب ٿيل آهي توهان جي ڪرم پومي ڪهڙي
ٿيندي اهو به طلب ٿيل آهي مونکي جيون ۾ ان قسم
جو آزمودو مليو آهي جنهن مون جيون ۾ پنهنجي
طرفان پنهنجو جيون ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي
وسان ڪين گهٽايو آهي پر آءٌ ٻٽيس اهو ڪجهه جيڪو
يار مونکي ٻڌايو . گهمائي ڦرائي ڪيئن وڪيل
ٻڌايائين ؟ ورڻي وڪيل ٻڌائي ڪيئن مونکان وڪالت
ڪسي ورتائين سماج سوا جي ڪارين ۾ لڳائي ڇڏيائين
مونکان راجنيتي ڪسي ڇڏيائين پترڪارتا جي ڪيترن ۾

سنڌ ڇڏڻ وقت آءٌ صرف مئٽريڪيوليٽ هوس مارواڙ جنڪشن تي لهي مهاراجا جي ڪئمپ ۾ ٻارن کي ڇڏي آءٌ ۽ منهنجو ڀاءُ شري اُتم چند شهر ڏسڻ نڪتاسين . اُديپور وياسين ليڪن جڏهن ته اُديپور منهنجي ڪرم ڀومي نشچت ٿيل نه هئي ان ڪري اُديپور ۾ رهڻ جو ويچار نه ٿيو ۽ اسين اجمير آياسين اجمير ۾ اسان کي مڪان مليو ۽ ريلوي ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي . ان نوڪري کان اڳ، مون جهانسي ۾ هڪ مٽر شري پرشو رام گوسوامي اڌياپڪ سپري بـــزار واري کي سنگهه جي سوئم سيوڪ جي ناتـــي مدد ڪرڻ لاءِ لکيو هئـــو . هن منهنجي لاءِ جهانسي ۾ اڌياپڪ جي نوڪري هٿ ڪئي هئي مون کي گهرائڻ لاءِ لکيائين به، پر جڏهن ته مون کي جيون ۾ اڌياپڪ نه ٿيڻو هو ان ڪري آءٌ جهانسي نه ويس .

سن ۴۸ ۾ مون ڀارتيه سينا ۾ نان ڪميشنڊ آفيسر جي نوڪري لاءِ درخواست موڪلي هئي ان درخواست تي مون کي ميرٺ ڇانوڻي ۾ انٽرويو لاءِ گهرايو ويو . آءٌ انٽرويو تي ويس صبوح کان شام تائين شاريرڪ ۽ ٻوڌڪ ٻنهي پرڪارن جي ٽيسٽ به ڏني پـــر ايشور کي مون کي سئنڪ اڌڪاري نـــه بڻائڻو هو ان ڪري ان ٽيسٽ ۾ ڪاميابي نه ملي اسان جـي ان بئچ ۾ ۲۵ اُميدوار هئا جن مان صرف ٻن ڄڻن کي چونڊيو ويو

۾ پنجاب وشو وديالي مان بي اي جي پريکيا پورا
سبجيڪٽ کڻي پاس ڪئي سنه ١٩٥٢ع ۾ آگرا وشو
وديالي مان ايل ايل بي جو پهريون سال ۽ سنه ١٩٥٣
۾ ايل ايل بي فائنل پاس ڪئي ان کان وڌيڪ وديا
اڪيل ڪونه هئي. مون گورنمينٽ ڪاليج اجمير ۾
هندي ۾ ايم اي ڪرڻ لاءِ ڪلاس ۾ داخلا ورتي
ليڪن پنهن مشغولين سبب ايم اي جي پڙهائي ڇڏڻي
پيئي. شايد ڀڳوان به انهن ئي سوچيو هوندو ته هن
بندي کي وڪيل بڻجڻو آهي ان لاءِ بي اي ايل ايل
بي پڙهائي ڪافي آهي وڌيڪ پڙهي هي بندو ڇا
ڪندو.

مئٽرڪ کان اڳ سنڌي ڀاشا جو فائينل امتحان
مون سنه ١٩٣٩ع ۾ پاس ڪيو. انهن ڏينهن ۾
پرائمري اسڪول ۾ ماستر جي نوڪري لاءِ سنڌي
ورنيڪيولر فائينل جي پريکيا کي ڪافي سمجهيو
ويندو هو پر مون ماستري نه ڪري وڌيڪ پڙهائي چالو
رکي.

سنڌ ۾ ڪڏهن به ڪنهن اهو ڪين سوچيو هو
ته اسان کان سنڌ کسجي ويندي اسان جي ڪرم ڀومي
سنڌ کان ٻاهر ڀارت ۾ يا ٻئي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾
ٿيندي.

جيل جي سزا ملي . منهنجي وڏي ڀاءُ شري آتم چند اُن وقت ستياگره نه ڪيو هئو هو جيل کان ٻاهر هئو . مون سان ٢٣ جنوري ١٩٣٩ تي جيل ۾ ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته تنهنجي نوڪري لاءِ ٢ آرڊر آيل آهن . ٻنهي ريلوي ۾ نوڪري جا آرڊر هئا . هڪ جهانسي ۾ ريلوي گارڊ لاءِ هئو ۽ ٻيو اجمير ۾ اڪائونٽس آفيس ۾ ڪلارڪي جو آرڊر هئو . شري آتم چند چيو ته جوائن ڪرڻ جي تاريخ ٣٠ جنوري آهي . شري آتم چند جي سوچنا کان پوءِ آءٌ اوڙو سوچ ۾ پئجي ويس ١٥ مهينن جي جيل جي سزا مان مون صرف چاليهه ڏينهن ئي اُن وقت تائين ڪاٽيا هئا . اڃان سزا جو وڏو عرصو باقي هئو معافي وٺي جيل مان ٻاهر اچڻ جو ڪو به سوال ڪونه هئو . انڪري ٻيون واهون بند ڏسي مون پرماتما وٽ پڪار ڪئي ته پرڀو تون ڪو رستو ڪڍ .

اُن وقت آءٌ اجمير جيل ۾ بئرڪ انچارج هوس منهنجي بئرڪ ۾ ١٨ ٻيا سنگهه جا ستياگرهي هئا آءٌ اُن وقت هر منگل تي بجرنگه ٻلي جو ورت رکندو هوس شري آتم چند جي ملاقات کان پوءِ واري منگل تي مون پاڻ سان گڏ ٻين ستياگرهين کي به ورت رکڻ لاءِ چيو سڀني ورت رکيو هنومان چاليسي جو پاٺ ڪيو

اُن کان پوءِ مون ريلوي ۾ گارڊ جي نوڪري ھٿ ڪرڻ لاءِ سروس ڪميشن بمبئي ۾ پريکيا ڏني پاس ٿيس جھانسي ۾ پوسٽنگ به مِلي پر ھڪ اک جي آءِ سائيٽ ڪجھ ڪمزور ھُئڻ ڪري ڊاڪٽر طرفان مونکي اَن فِٽ ڪيو ويو. ايشور جي اڇا مونکي ريلوي گارڊ بڻائڻ جي نه ھُئي انڪري مون وڌيڪ ڪوشش نه ڪئي جيتوڻيڪ ريلوي ڊاڪٽر ھڪ سنڌي ڀاءُ شري مسند ھيو آءٌ جي ڪڏھن ھن جي گھر گھڙي وڃان ھا ته شايد ھو مونکي فِٽ نيس سرٽيفڪيٽ به ڏئي ھا پر مون ۾ اھو وچار آيو ته شايد ايشور جي اھا مرضي نه آھي انڪري نانڪ واپس ھل. آءٌ ھليو آيس ۽ اچي انٽر جي پريکيا ڏني. انٽر کان پوءِ بي اي ڪئي پر پاڪر پريکيا پاس ڪئي ايل ايل بي پاس ڪئي ودّيا پرائيٽ ڪرڻ ۾ پڙھو پر ري سھائتا ڪئي ڪا به رڪاوٽ نه آئي ۽ ڪڏھن به پريکيا ۾ آءٌ فيل نه ٿيس.

آءٌ پڙھڻ واري عرصي ۾ ريلوي ۾ نوڪري به ڪندو ھوس پر اُن سان گڏو گڏ راشٽريه سويم سيوڪ سنگھه جو سرگرم ڪم ڪندڙ ھوس سن ١٩٤٨ ۾ سنگھه جي ستياگرھه ۾ سنگھه تان بندش ھٽارائڻ لاءِ آءٌ ستياگرھه ڪري جيل ويس ان وقت مونکي ١٥ مھينا

جنوري ٢٩ تي آءٌ ريلوي جي پاس ۽ آرڊر کڻي ريلوي گارڊ جي نوڪري ڪرڻ لاءِ جهانسي روانو ٿي ويس مون ته چاهيو ٿي ته آءٌ ريلوي گارڊ بڻجان پر ايشور جي اِڇا نه هُئي انڪري آءٌ موٽي آيس اهو ذڪر آءٌ مٿي ڪري چڪو آهيان .

ايشور نه مونکي سنڌڪ انڊڪاري بڻايو نه ماسٽر بڻايو ۽ نه ريلوي گارڊ بڻايو . آءٌ اجمير موٽي آيس . اجمير ۾ ريلوي اڪائونٽس آفيس ۾ ڪلارڪ جي نوڪري جو آرڊر آيل هئو. اهو کڻي آءٌ آفيس ۾ ويس. اڪائونٽنٽ شري او. ايس. شيل چيو ته وڃي ساري ڏورو وقت اڳ هيڊ آفيس مان هدايتون آيل آهن ته اسٽاپ رڪروٽمينٽ يعني ڀرتي بند . مون دل ۾ چيو نانڪ هل وايس هلي پڙهه . آءٌ انٽر جي پڙهائي ۾ لڳي ويس ۽ سيڪنڊ مارڪن سان پاس ٿيس .

پرڀو ڪرپا

پرڀو ڪرپا جو احساس مونکي جيون ۾ قدم قدم تي ٿيو آهي . ريلوي جي نوڪري نه ملڻ سبب انٽر جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ مون هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن نوڪري ڪئي . ريلوي ۾ وري جڏهن مونکي ڪنهن وڌو ته مون اها نوڪري ڇڏي ڏني . ان وچ ۾ مون پنجاب يونيورسٽي مان

پرسان ورهائي پوءِ ورت ڇوڙيو ان ورت جو چمتڪارڪ نتيجو اسان کي جيل ۾ مليو .

سردار پٽيل جي راءِ تي ڪرو جي طرفان راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه، جو جوڙجڪ تيار ڪري پيش ڪيو ويو ۽ ڪرو جي طرفان ستياگرهه واپس وٺڻ جو اعلان ٿيو . ان اعلان جي جواب ۾ سرڪار طرفان ستياگرهين کي بُڌڻن ۾ ڇڏڻ جي پڌرائي ٿي سڀ کان پهريائين وديارٿين کي ڇڏڻ جو حڪم اجمير ۾ به آيو . ان سال مون اجمير بورڊ جي انٽر پريکيا ۾ ويهڻ لاءِ فارم ڀريو هئو جڏهين جيل ۾ مونکان ڦنڊو پڇيو ويو تڏهين ان وقت جيل ۾ پاڻ کي وديارٿي لکايو هيو . حقيقت ۾ آءٌ انهن ڏينهن ۾ هوس بي روزگار .

اوهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته اجمير جيل مان جن قيدين کي وديارٿي جي ناتي جيل مان پهرئين ٻئچ ۾ رات جو ۱۲ بجي ۲۹ جنوري ۴۹ تي ڪڍيو ويو ان ٻئچ ۾ آءٌ به هڪ هوس . جيل مان ٻاهر نڪرندي ئي مون پرڀو جا شڪرانا مڃيا جنهن پنهنجي ڪرپا سان منهنجي پرارٿنا قبول ڪئي . اُتم چند طرفان مليل سوچنا کان پوءِ هڪ هفتي اندر ئي آءٌ جيل کان ٻاهر نڪري آيس . ٻئي ڏينهن تي ۳۰

ڪم ڪندڙ آهي تہ هن کي هڪدم نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو ويندو هئو اُن ڪري اُنهن ڏينهن ۾ سنگهہ جو ڪم ڪرڻ توڙي جن سنگهہ جو ڪم ڪرڻ جوکم ڀريو ڪم هئو مون پنهنجي اکين سان سنگهہ جي سوين سيوڪن سان اهي ظلم ٿيندي ڏٺا آهن . اُنهن ڏينهن ۾ اجمير ۾ ريلوي ڪئريج شاپ ۾ هڪ شري دوارڪا پرساد نالي ڪرمچاري هئو . هو سنگهہ جو ڪم ڪندڙ هئو هن خلاف سي آءِ ڊي رپورٽ ڪئي ان تي کيس نوڪري مان ڪڍيو ويو کيس اجمير ۾ ٻي نوڪري نہ ملي ؛ هو نوڪري جي تلاش ۾ اجمير ڇڏي دهلي هليو ويو . هاڻُي توهين خود ڪلپنا ڪريو جي ڪڏهين پڙهائي هلندي مون جي خلاف سي آءِ ڊي طرفان رپو هڪ چٺي منهنجي آفيسر وٽ وڃي ها تہ هو مونکي نوڪري مان ڊسمس ڪري ها . پوءِ مون کي نوڪري لاءِ در در ڀٽڪڻو پوي ها وڪالت جي پڙهائي اڌ ۾ ئي رهجي وڃي ها . ليڪن ايشور پنهن جي ڪرپا ڪئي سي آءِ ڊي وارن کي نانڪرام نظر نہ آيو منهنجي ايل ايل بي پاس ڪرڻ تائين منهنجي آفيس ۾ ڪا بہ رپورٽ منهنجي خلاف ڪونہ موڪلي وئي .

اُنهن ڏينهن ۾ آڳ ريلوي جي ڪمپائليشن

هندي پر ڀاڪر پريکيا (جيڪا بي اي آنرس جي برابر
هئي) پاس ڪري پنجاب يونيورسٽي مان بي اي فل
سبجيڪٽس سان پاس ڪئي ان کان پوء اجمير جي
گورنمينٽ ڪاليج ۾ لا فئڪلٽي ڪلاس تي آگرا
يونيورسٽي مان ايل ايل بي ڪرڻ لاء ڪاليج وديارٿي
بڻيس. سنه ۱۹۵۳ ۾ مون ايل ايل بي فائينل پاس
ڪئي ليڪن وڪالت مون سنه ۱۹۵۴ ۾ شروع ڪئي.
ايشور جي ڪرپا جو مون مٿي ذڪر ڪيو ان
بابت به آءٌ ڪجهه لکندس. آءٌ ريلوي ۾ سرڪاري
نوڪري ڪرڻ سان گڏ پڙهائي به ڪندو ئي رهيس
پر آءٌ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جو ڪم به زور شور سان
ڪندو رهيس سنه ۱۹۵۲ ۾ ڀارتيه جنسنگهه جي استاپنا کان
پوء سرڪاري نوڪري ۾ هوندي به جنسنگهه جو ڪم ڪلهو
کلايو ڪندو هوس لائوڊ اسپيڪر تي شهر ۾ ميٽنگن جو
اعلان به ڪندو هوس مون ڊاڪٽر شياما پرساد مکرجي
جا ميٽنگ به اجمير ۾ ڪرايا آهن هو ڪشمير ۾ وڃڻ کان اڳ
اجمير به آيل هيو ۽ نيا بزار جي چوڪ ۾ سندس ميٽنگ
ڪرايو. ڊاڪٽر مکرجي ان کان پوء ڪشمير ويو
جتي جيل ۾ سندس هتيا ڪئي وئي.
انهن ڏينهن ۾ پنڊت جواهر لال نهرو جو راڄ هيو
هو سنگهه جو ورودي هيو سرڪاري ڪرمچاري لاء
جي ڪڏهن رپورٽ هڪ دفع ڏي ته هو سنگهه جو

ڏنا هئا جن ۾ مون اڳرو پاڳ ورتو. اهي هئا شري گروڄي جي ١٥ جنم ڏينهن اتسو ۾ ٻيو هئو ڪُنو رڪشا آندولن. ڪُنو هٽيا بند ڪرائڻ لاءِ سنگهه طرفان ڪروڙين صحيون ڪرائي هڪ وڏو شاهي عريضو راشٽرپتيءَ کي ڏنو ويو. مون انهن ٻنهي ڪمن ۾ زبردست پاڳ ورتو تنهن بعد ايشور پنهن جي ٻاجهه ڪُني سي آءِ ڊي جي ڪابه رپورٽ منهن جي خلاف نه آئي مون ايل ايل بي پاس ڪئي ان کان پوءِ مون وڪالت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو وڪالت شروع ڪرڻ کان اڳ مون ناگپور ۾ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جي ٽئين سال جي او ٽي سي ڪري اچڻ جو فيصلو ڪيو. آفيس مان موڪل ورتي ديلوي پاس به ٺهرائي. او ٽي سي کان موٽي اچڻ کان پوءِ نوڪري مان مون ٽياڳ پتر ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. او ٽي سي لاءِ ناگپور وڃڻ کان ٢-٣ ڏينهن اڳ سي آءِ ڊي وارن منهن جي آفيسر کي گپت رپورٽ موڪلي ته نانڪرام ايسراڻي سنگهه ۾ جن سنگهه جو سرگرم ڪم ڪندڙ آهي انڪري ڪيس نوڪري مان هٽايو وڃي. شري هريسنگهه مونکي پنهن جي ڪمري ۾ گهرائي رپورٽ ڏيکاري ۽ پڇائون ته ڇا ڪرڻو آهي. مون ڪيس چيو ته رپورٽ سو ٽڪا صحي آهي پر اها رپورٽ هيئنر ايتري دير سان

آفيس ۾ نوڪري ڪندو هوس ۽ مشين سيڪشن ۾
لڳل هوس اڪائونٽ تيار ڪندڙ مشينون هلائيندو
هوس اُن وقت ٢ شفٽون لڳنديون هيون، هڪ صبوح
جو ساڍي ستين بجي کان ڏيڍ بجي تائين ۽ ٻي
ڏيڍ بجي کان ساڍي ستين بجي تائين پر پو ڪريا
سان مونکي صبوح جي شفٽ ۾ لڳايو ويو شام جو
آءٌ لا ڪاليج ۾ ويندو هوس . اُن وقت ڪمپائيليشن
اڌڪاري هڪ گواني عيسائي مسٽر هڪسن هيو . هن
سان پنهنجو سنڌو سنبنڌ ٽي ويو هيو . هن جو سندس
عيسائي پتني سان جهڳڙو هيو ڪورٽ ۾ هن ڪيس
طلاق ڏني هن اي شادي ڪرڻ ٿي چاهي ان لاءِ
ڪيس ٻه رستا هيا هو پنهنجو ڌرم بدلائي هندو ٿئي
يا مسلمان . ڪمپائيليشن آفيس ۾ مون ۽ ٻين مترن
ڪيس سمجهائي سندس شڌي ڪرائي هن جو نالو
هڪسن مان بدلائي هري سنگهه رکيو ويو ۽ سندس
شادي پڻ ڪرائي وئي . ان سبب هري سنگهه مون
ڏانهن احسان مند هيو هو مونکي سٺي عزت ڏيندو هيو
مون ڪيس چيو ته آءٌ ايل ايل بي وديارٿي آهيان
ڪاليج شام جو آهي ان ڪري مونکي لا جا ٢ سال
صبوح جو شفٽ مان نه بدلائي . هن منهنجي وينتي
سولائي سان قبول ڪئي . لا جي پڙهائي ڪندي انهن
ٻن سالن ۾ راشٽريه سويم سيوڪ جا ٢ وڏا ڪاريڪرم

سان گڏ اجمير ۾ رهندو هيو مون سان گڏ ايل ايل بي
۾ پڙهندو هيو ۽ ريلوي جي اڪائونٽس آفيس ۾
نوڪري به ڪندو هيو . پر هن کي وڪالت جي
زندگي بابت ڪو سٺو اثر ڪونه هيو هو جيڪب آباد
سنڌ ۾ هڪ وڪيل وٽ ڪجھ عرصو منشيگري ڪري
چڪو هيو انڪري هن کي وڪالت جي پيشي جي
اونداهين پاسي جي به ڄاڻ هئي هو ساتوڪي سڀاءَ
جو ويڪتي آهي هن جو به راشٽريه سويم سيوڪ
سنگهه سان سنه ۱۹۴۲ کان وٺي سمبنڌ آهي هو هن
وقت پوري مڌيه پرديش جو سنگهه چالڪ آهي . شري
اُتم چند چيو ته آءٌ ايل ايل بي پريکيا پاس ڪرڻ
کان پوءِ به وڪالت نه ڪندس هن جي نظرن ۾
آدياپڪ جو پيشو وڪيل جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سٺو ۽
شانائتو هيو هن کي آگري جي هڪ خانگي اسڪول
۾ آدياپڪ جي نوڪري ملي ان پٺيان هن اجمير ۾
ريلوي جي پڪي نوڪري ڇڏي ۽ استعيفا ڏيئي هو
آگري هليو ويو اُتي ڪجھ وقت هن ماستري ڪئي پر
هن کي ماستر بڻجي جيون پورو نه ڪرڻو هيو پر هن
کي ڀوپال جو نامي وڪيل بڻجڻو هيو انڪري هو
آگري مان ڀوپال هليو ويو ۽ اُتي هينئر چوٽي جي
ديواني وڪيلن مان هڪ آهي .

آئي آهي جو مونکي ڪو نقصان نه پهچائي سگهندي. هينئر مون وڪالت ڪرڻ جو ۽ نوڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي آءٌ ناگپور مان واپس موٽڻ کان پوءِ نوڪري ڇڏيندس تهوهين ان ريورٽ کي پڙهڻ وقت ٢-٣ ڏينهن دٻائي رکو منهن جي ريل گاڏي اچڻ جون حدون ڇڏي اُن کان پوءِ توهين ان ريورٽ تي جيڪا ڪارروائي مناسب سمجهو سا ڪجو. هر پسنگهه کي اها ڳالهه ٺيڪ لڳي. آءٌ ناگپور کان اوٽي سي ڪري موٽي آيس ۽ اچي نوڪري تان استعفا ڏيئي مون وڪالت شروع ڪئي.

هينئر توهين مٿين حقيقتن تي گنڀيرتا سان ويچار ڪريو. اوهين محسوس ڪندا ته ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ مون پاڻکي ٽائيڪو ڪرڻ لاءِ جيتري قدر ٿي سگهيو همت پير ضرور هلايا پر هلي منهن جي هڪ به نه. آخر گهمي ڦري مونکي ان هند تي ان لائين تي اچڻو پيو جتي منهنجي مالڪ جي مرضي هئي ان مان اها ڳالهه بخوبي ثابت ٿي ته مونکي ڇا ڪرڻو آهي يا مونکي ڇا بڻجڻو آهي اهو سڀ منهن جي هٿ وس نه آهي بلڪ آءٌ ايترو به چئي سگهان ٿو ته اها ڳالهه هر هڪ سان لڳي ٿي. هينئر هت آءٌ هڪ ٻيو مثال ٿو پيش ڪريان.

منهنجو وڏو ڀاءُ شري اُتم چند ايسراڻي به مون

وڪيلن جيترو ڪم نہ آهي اسان ٻڌهي مان هڪڙو اُتي وڪالت ڪري . جي ڪڏهن توهان جي اِڇا هجي تہ پل توهين اتـي وڃي وڪالت ڪريو ٻي حالت ۾ آءٌ پوپـال و ڇان شري اتم چند وڪيل جنهن جـــي وڪالت ڪرڻ جـي اِڇا نہ هئي تنهن هوندي بہ هو آگرو ڇڏي وڪالت ڪرڻ لاءِ پوپال ويو ڇاڪاڻ تہ هن جي ڪرم ڀومي آگرو نہ پر پوپال ٿيڻي هئي. جنهن جي ڪرم ڀومي اجمير رهڻي هئي انڪري آءٌ اجمير ۾ ئي رهجي پيس .

آهہ ڇا ڪريو :- آءٌ وڪيل تہ ٿيس پر سائين جي مرضي موـڪي ڏڪو وڪيل رکڻ جي نـــہ هئي . وڪالت جي پيشي ۾ آڻي مالڪ موـڪي قانون جي ڄاڻ ڏني همت ڏني ۽ ساهس ڏنو ليڪن هن موـڪي وڪيل ڪري ڪونہ رکيو . موـڪي وڪالت جي سند ملي اُن ڪان ٿـي ڏينهن اڳ موـڪي راشٽـــر پيـہ ســو يم سيوڪ سنگهہ طرفـان جن سنگهہ جي ڪم سنڀالڻ لاءِ موڪليو ويو . ٿيا ٻہ هزار چوويهہ ۾ هڪ موڙ ڪولائـــي مهن جو جن سمر پڙڪيو ويو ۽ اهو اعلان ٿيو تہ نانڪرام ايسراڻي جن سنگهہ جو ضلع منتري جي ناتي ڪم ڏسندو . اها وڏي جوابداري مهن جـــي ڪمزور ڪلهن مٿان پيئي ان جوابداري کي مون بخوبي نڀايو.

ڪرم ڪيتر به طئه ڏيل :— اسان جو ڪرم
ڪيتر به وڌاتا اڳه ۾ ٻي طئه ڪري ڇڏيو آهي انڪري
اسان جي جيون ۾ ڪي اهڙيون گهٽنائون ٿين ٿيون
يا حالتون پيدا ٿين ٿيون جي اسان کي ڳهمائي
ڦيرائي ان هنڌ تي کڻي وڃي توهين پنهن جي
جيون جو ڦيرائي سان ابياس ڪريو ته توهان کي هن
حقيقت جي سچائي نظر ايندي وڃي به آءٌ هت توهان
کي پنهن جي جيون جو ٻي مثال ٿو ڏيان .

سنڌ کان لنڊپلاٽ کان پوءِ اسان پاڪي ٿائينڊڪو
ڪرڻ لاءِ ڪي شهر ڏٺا اسان کي اجمير ٺيڪ لڳو ۽
اچڻ سان اجمير ۾ ريلوي ۾ نوڪري به ملي ويئي .

ايل ايل بي پاس ڪرڻ کان پوءِ وڪالت شروع
ڪان اڳه وڃي هڪ دفع من ۾ وچار آيو ته وڪالت
اهڙي هنڌ شروع ڪجي جتي سٺي هلي انڪري اُن
وقت به مون ڪن شهرن جو چڪر لڳايو . مون کي
ڀوپال جو شهر وڪالت ڪرڻ لاءِ ٺيڪ لڳو جاڻاڻ ته
ان شهر ۾ اسان جي ڳوٺ جا ۽ اسان جا ماڻهو نانا ڏاڏا
سڀ مت مائٽ به آئيئي هيا انڪري اهو شهر مون کي
پسند آيو پر اهو شهر منهن جو ڪرم ڪيتر نه ٿيڻو هيو
مون شري آتم چند ايسرائي ڏانهن آگري ۾ خط لکيو
جنهن ۾ ڪيس لکيم ته ڀوپال سٺو شهر آهي پر آتي پن

سڌانت کي سمجهائي سگهيا آهن. اهو ودانتا ڪهڙ
آهي جنهن جي همت وس اسان جي جيون جون سڀ
مهتوپورڻ ڳالهيون آهن؟ سڌت چون ٿا ته اهو ودانتا
منش پنهنجو ڀاڳ آهي جهڙو جيڪو ڪرم ڪري ٿو
اهڙو اُن کي ڦل ملندو. اهو سڌانت سنسار جا سڀ
ڌرم قبول ڪن ٿا. ڀڳوان شري ڪرشڻ گيتا ۾ ان
وشيه تي ارجن کي ڪافي گيان ڏنو آهي اسلام به
چوي ٿو ته انسان جي اعمالن جو ليکو جيکو رکيو
وڃي ٿو ۽ هن کي اعمالن مطابق لاڀ يا سزا ملي ٿي
عيسائي ڌرم به چوي ٿو ته جهڙو توهين پوکيندا اهڙو
توهين لڻندا. ڀڳوان گيتا ۾ چوي ٿو ته ڪرم ڪرڻ
تنهنجو ڪرتويه آهي ڦل سان تنهنجو واسطو نه آهي.
ڀڳوان اهو انڪري چيو ڇاڪاڻ ته سرشٽي جي
سرجڻهار سڀ ڪجهه سو چالت (آٽو ميٽڪ) رکيو آهي
اسهن جيڪو ساهه کڻون ٿا اهو به هڪ ڪرم آهي ان
جو ڦل تتڪال ملي ٿو يعني جيون دائني شڪتي
ساهه کڻڻ ۾ آهي جنهن اهو ڪرم بند ٿئي ٿو تنهين
منش جي يا پراڻي ماتر جي مرتيو ٿئي ٿي.

اسان کي اهڙا ڇاڻ هڻڻ کپي ته سٺي ڪم جو
نتيجو سٺو نڪرندو ۽ خراب ڪم جو نتيجو برو ئي
نڪرندو. اپراڌ ڪرم ڪرڻ ڪري نه رڳو هن

ڌن لاڀ :ــ آءٌ انيڪ سالن کان ڀارت ڀرمڻ ڪندو آهيان اهو به ڏٺو اٿم ته منش کي اهو ئي ڪجهه ملندو جيڪو هن جي ڀاڳيه ۾ لکيل آهي اُن کان نه پئسو وڌيڪ ۽ نه پئسو گهٽ ملندو . ڪيترا دفع مون اهو به ڏٺو آهي ته جتان پئسن ملڻ جي اُميد هوندي آهي اُتان پئسو نه ملندو آهي بلڪ جتان پئسي ملڻ جي اُميد نه هوندي آهي اُتان پئسو ملندو آهي . پر اسين سنساري ماڻهو پاڻ کي سڀ ڪجهه سمجهون ٿا . اڄ جو منش ائين ٿو سمجهي ته هي سڀ ناڻو ڌن دولت مون ئي ڪمايو آهي انڪري اُن پئسي جو هو سدُپيوگ نه ڪري ڪيترن ئي غلط ڪمن پٺيان ، اڀمان ۽ ڏيکاءَ پٺيان ، برين عادتن پٺيان پئسو برباد ٿو ڪري . اهو اڳيان آهي ان ڪري دور ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪرم بابت ڪرم ڦل بابت ڪجهه اسين هن پستڪ ۾ ويچار ڪريون .

”هاڃي لاڀ يش اپ يش جيئون مرڻ وڌي هاٿ“

گوسوامي تلسيداس اها ڳالهه جي سٽ ڪهڙي ويچار سان لکي آهي ڇا اسان ڪڏهن ان تي ويچار ڪيو آهي ؟ جواب ملندو ته عام ماڻهو ڪي ڳالهه نه هنڌ سمجهو ان سڏانت جي ڳوڙهي مطلب تي ويچار نه ٿو ڪري . ورلي ڪي گياني ۽ سنت جن ان

ملي ٿئي جنم ۾ ملي ٿو اهڙي ريت اسان جي ڪرمن
جو ڪاتو ازخود تيار ٿيو ٿئي ان ڪاتي جو نالو ودوانن
رکيو آهي سنچت ڪرم يعني ڳڏ ڪيل ڪرم ، ڳڏ
ڪيل سڀني ڪرمن کي ٻنهي جو ڪاتو چئجي ٿو اهڙي
ريت ٻين ڪرمن جو ڪاتو به ازخود تيار ٿيو ٿئي ٿو ان
کي چون پاپ جو ڪاتو ڪرمن جي ٻنڌڪ ۾ ٻنهي جي
ڪاتي کي اسين جيڪڏهن جمع پاسو ڪري چئون
ته به غلط نه ٿيندو پاپ ڪرمن جي ڪاتي کي اسين
خرچ ڪري چئون ته به ٺهي اچي . ڪوڙا ڪرم يا پاپ
ڪرم ڪرڻ سبب وڌاتا جي وڌان مطابق پراڻي کي
سزا ملي ٿي اها سزا نرڪ ڀوڳڻ جي روپ ۾ ٿئي ٿي
مٿس جيون کي ڇڏي باقي جوڻين ۾ جنم جي روپ
۾ ٿي سگهي ٿي ان کي ودوان پنڊت چوراسي لک
جوڻين جو چڪر چون ٿا . ان ريت سدا ڪم ڪندڙن
کي سرڳ جو سک ملي ٿو جن جي آتما ڌيري ڌيري
اُنتي ڪندي وڃي ديو لوڪ ۾ پهچي ٿي انت ۾ نرواڻ
پد پراپت ڪري ٿي . نرواڻ پد پراپت ڪرڻ ئي
مٿس جنم جو انتم لکش آهي جنهن توهين لاءِ
ڪرم ڪندا ويندا ته اُهان جي آتما جو منل جهڪو
پاڻ سڀ مسائلس چڙهي وڃي ٿو اهو ڏو پچندو
ويندو ۽ آتما شڌ پويتر ۽ نهه ڪلنڪ ٿيندي ويندي

سنسار جي سرڪار بلڪ سرشٽي جي سرڪار ٻه سزا ڏئي ٿي . هن سرشٽي جي سرڪار جي سزا ڏيڻ لاء ته پينل ڪوڊ ڇپارائي رکيا آهن جي اسان جي اڳيان آهن ان قسم جا نيم سرشٽي جي سرڪار جا ٻه آهن پر ڇاڪاڻ ته اسان کي اُن جي ڄاڻ نه آهي ان ڪري اسين اُن وڌان کي سمجهي نه ٿا سگهون ۽ چئون ٿا ته اهو سڀ وڌاتا جي همٿ وس آهي . ان ڪريا کي سنت جن ڪرم ڦل چون ٿا .

ڪرم ڦل ٽن طريقن سان ملي ٿو . هڪڙو آهي تتڪال ڦل ڏيڻ وارو ، جهڙي ريت مٿي مون ساهه ڪٽڻ جو مثال ڏنو . اسين کاڌو کائون ٿا اُهو ٻه هڪ ڪرم آهي اُن جو ڦل تتڪال ملي ٿو . اسين هلون ٿا محنت مزدوري ڪريون ٿا اُن جو ڦل ٻه تتڪال ملي ٿو . ٻيو ڪرم اُهو آهي جنهنجو ڦل ڪجهه وقت کان پوءِ ملندو آهي . مثال طور اسين اڄ کيٽي ڪريون ٿا وڻ پوکڻ لاء ٻج وجهون ٿا ليڪن اُن جو ڦل ڪجهه عرصي کان پوءِ ملي ٿو جڏهين کيٽي پچي تيار ٿئي ٿي وڻ ڪڙو ٿي ڦل ڏيڻ شروع ڪري ٿو . اهڙي ريت پراڻي ماتر جي جيون ۾ ڪجهه ڪرم وقت پٽاندڙ ڦل ڏيندا آهن . اهڙا انيڪ ٻيا ٻه ڪرم آهن جن جو ڦل تمام دير سان ملي ٿو هن جيون ۾ نه

هي ڦل اُهو آهي جنهنکو اکيات آهي. پرارٻڌ به ان کي
کي چئبو آهي.

ڪي سڄڻ ائين چون ٿا ته سرڳ ۽ نرڪ ڪنهن ڏٺو آهي سرڳ نرڪ به هت آهن ته ڪرمن جو ڦل به هت ئي ٿو ملي. منهنجي ويچار ۾ هيءُ ڪجھ حد تائين صحي ٿي سگهن ٿا. پر سمپورڻ صحي نه آهن جيئون ۾ ڪيترن سڄڻن جي حالت نرڪ کان به بدتر ٿيندي آهي ائين ڇو آهي ڪنهن سو چيو آهي؟ ڪنهن جي اڪال مرتيو ٿيندي آهي ڪو ننڍي عمر ۾ ئي مري ويندو آهي ته اسان کي ڏهٺو دکه ٿيندو پر ڇا ڪڏهين اسان اهو سوچيو آهي ته هن جي اڪال مرتيو ڇو ٿي؟ هو ننڍي عمر ۾ ڇو مري ويو؟

آءٌ پنهنجي جيئون جو آزمودو ٿو ٻڌايان آءٌ جنهن گهر ۾ ڄائس اهو گهر هڪ سٺين پريوار هيو ۲ سالن جي عمر ۾ پهتس ته گهر جي سمپتا ويندي رهي ۽ دکي جيئون شروع ٿيو. ان دکي جيئون ۾ سنگهرش ڪندي مون سنڌ ۾ مئٽرڪ پريکشا پاس ڪئي هت ڀارت ۾ اچڻ وقت اسان جي هٿ ۾ صرف ۲ سؤ روپيه هيا اي ڪا وڏي ملڪيت کڻي آءٌ ڀارت ۾ ڪونه آيو آهيان. مون هت ڪڏهين به ڪابه سرڪاري سهائتا ڪونه ورتي نه وري پاڪستان ۾ ڇڏيل ملڪيتن

جيون ۾ توهين آزمائي ڏسو مون ته ڪجهه حد تائين
ان حقيقت کي آزمائي ڏٺو آهي ۽ انهن محسوس ڪيو
اٿم ته نهائت ئي گهاٽو ڪارو رنگ ڇٽڪ آتما تان
هٽي رهيو آهي ۽ آتما ۾ اها پرماتما جي انهن واري
چمڪ ۽ تجلو وري اچي رهيو آهي.

سرشٽي جي سرجڻهار اسان جي جيون جي ڪرمن
جو جيڪو اڪائونٽ سنچت ڪرمن جي روپ ۾ رکيو
آهي تنهن جي ڄاڻ اسان کي خود کي نه آهي
جيتوڻيڪ ان ڪاتي جو واسطو سڌو اسان سان آهي.
ڄاڻ نه هوندي به سنچت ڪرم جو ڦل ته پراڻي کي
جنم ۾ اچڻ سان ئي ملڻ شروع ٿئي ٿو. ڪنهن جو
جنم ساڌوءَ جي گهر ۾ ڪنهن جو جنم چور جي گهر ۾
ڪنهن جو جنم اونچ جي گهر ته ڪنهن جو جنم نيچ
جاتين ۾ ٿئي ٿو. ان ڪرم ڦل کي پڙهڻ جا، ڄاڻڻ
جا ڪي طريقا آهن جنهن کي جيوتش چون ٿا. ان
وديا رستي ڪي سچڻ جنم ڪنڊلي پڙهي ٻڌائين
ڪي هٿن جون ريکائون کي پڙهن جون ريکائون
کي للاٽ جون ريکائون پڙهن ڪي وري پنهنجو
راشي ڦل پڙهي ان جو احساس ڪن.

ان اڳيات ڪرم ڦل کي ودوانن ڀاڳ جو نالو ڏنو
آهي تقدير چئو مقدر چئو جيڪي به ڪيس چئو پر

هن مرتبي ڪهڙي تائين جيون ۾ سڀ سهولتائون حاصل ڪيون .

(٢) ٻيا آهي جن مٿان مهانتا جو ٻوجهه وڌو ويندو آهي جيتوڻيڪ اهي پاڻ پنهنجي لائق مان نه هوندا آهن .

Those Upon Whom Greatness is Thrust Upon

انهن ماڻهن جي مثال لاءِ توهين شريمتي اندرا گانڌي جي ابن پٽن سنجي گانڌي ۽ راجيو گانڌي جي جيون جو اڀياس ڪريو . سنجي گانڌي جي مرتيو هوائي حادثي ۾ ٿي جڏهن ته راجيو گانڌي جي هتيا ڪئي ويئي . جي ڪڏهن راجيو شريمتي اندرا گانڌي جو سپتر نه هجي ها ته ڀارت جو پردان منتري به ڪونه ٿئي ها .

(٣) ٽيون قسم انهن مهاپرشن جو آهي جي پنهنجي محنت ۽ اورچائي سان مهان ٿين ٿا .

Those Who Achievc Greatness ان قطار ۾ آءٌ جي ڪڏهن لال ڪرشن آڏواڻي جو مثال ڏيان ته شايد غلط نه ٿيندو .

شري لال ڪرشن آڏواڻي کي آءٌ سنڌ کان وٺي سڃاڻان . سنڌ ۾ ئي هن جو سمپرڪ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه سان ٿيو ۽ سنڌ ۾ ئي هو سنگهه جو

جو ڪو ڪلهم ٿـي داخل ڪيو پر پنهنجي محنت ۽
۽ رچائي سان سنگهرش ڪندي پريوار جو پالڻ ڪندي
ودیا به پراپت ڪئي ۽ ڪنهن منزل تي پهچي چڪو
آهيان اهو سڀ پرڀو ڪرپا سان پنهنجن پورب جنمن
جـي ڪرمن مطابق مونـکي ڦل مليو آهي منهن جـو
جيون سنگهرشن جي لمبي داستان آهي مـون ڪرم
ڪرڻ کـان ڪڏهين به منهن نه موڙيو آهي ۽ نه اڄ ڏي
هلي اهو ڪرم پڻ کـان پري ٿيندس پر ان هوندي به
اهو پنهنجي پرايل آزمودن جي آڌار تي چئـي سگهان
ٿو ته اهو سداڀاڳ پروسي ٿي رهيو آهيان ۽ مونکي جيڪو ن
۾ جيڪي ڪجهه مليو آهي اهو منهنجي للاٽ جـي
ليکه موجب مليو آهـي ڪي سچ سڦلتا جي خمار ۾
ان سچائي کي پلجيو وڃن .

منشن پنهنجي وراسٽ هن انوسار ڪئي :—

(۱) هڪڙا اهي جيڪي جمندي چام آهـن .
THOSE WHO ARE BORN GREAT سڏڻ جنـم
ڪنهن وڏي اونچي خاندان ۾ ٿئـي جني هن کي مهان
بڻجڻ جـون سڀ سهوليتون ملن ٿيون مثـال طور
پنڊت جواهر لال نهرو . هو پنڊت موتيلال جـي گهر ۾
پيدا ٿيو جني سندس پرورش به نيڪ ٿي پڙهائي به
نيڪ ٿـي ۽ سندس اڳين جنمن جا ڪرم اهڙا سٺا جو

(٣) ٻئي طرف آءٌ پنهنجي جهڙن ڏانهن نهاريان
ٿو ته مونکي ائين ٿو لڳي ته منهنجي ڪنڌلي ۾
راڄ يوگ نه هئڻ سبب راڄنيتڪ ڪيتر ۾ وڪاس
ڪرڻ لاءِ موقعا مونکي ڪونه مليا آهن مونکي جيڪڏهن
ان ريت موقع ملن ها ته شايد آءٌ به پنهنجي يوگيتا ۽
ڪاريه ڪشلتا سان اڄ ڪنهن اونچي پد تي هجان
ها .

چوٿين قسم جا اُهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي
محنت ايمانداري سان سنگهرش ڪندي به مهان نه ٿي
سگهندا آهن جيتوڻيڪ اُنهن ۾ مهانتا جا انيڪ گڻ به
هوندا آهن .

Those Who are Unable to Achieve Greatness
Inspite of Their Best Efforts.

هن قطار ۾ آءٌ پنهنجو مثال ڏيندو آهيان مون
جهڙن ۾ ڪيترو ڪم ڪيو آهي اُن جو اوهين انداز نه
لڳائي سگهندا ڪيترو سنگهرش مونکي ڪرڻو پيو
اُن جي ڪجهه جهلڪ توهان کي هن پستڪ ۾
ڏيکاريندس اُن ڪان پوءِ به ڀڳوان مونکي اهو گيان ڏنو
ته جيڪي ڪجهه ٿيو آهي سو منهنجي پرالبڌ موجب
ٿيو آهي ٿي سگهي ٿو ته مون اڳين جنمن ۾ ڪي ڪوڙا
ڪرم ڪيا هوندا جن جي سزا مونکي هن جنم ۾ ملي

پرچارڪ بڻيو هيو . ورهاڱي کان پوءِ هو راجستان ۾
آيو کيس ڪوٽا ۾ پرچارڪ ڪري رکيو ويو هيو .
پارٽيءَ جن سنگهه جي اسٿاپنا کان پوءِ کيس راجستان
پرديش جن سنگهه جو ڪاريالي منتري ڪري رکيو
ويو . اُن کان پوءِ دهليءَ ۾ گهرائي کيس انگريزي
سپتاهڪ اخبار آرگنائيزر جو سب ايڊيٽر ڪري رکيو
ويو . دهليءَ ۾ جڏهن ميٽرو پوليٽن ڪائونسل جي
اسٿاپنا ٿي هُئي اُن وقت شري لال ڪرشن آڏواڻي
دهلي پرديش جو پارٽي اڌيڪش هيو . هن کي ميٽرو
پوليٽن ڪائونسل جي چونڊ لڙايو ويو جنهن ۾ هو
ڪامياب ويو . کيس ميٽرو پوليٽن ڪائونسل جو
چيئرمن چونڊيو ويو . اُن وقت جن سنگهه کي دهليءَ
۾ گهڻائي ٿي هُئي . اُن کان پوءِ سندس راڄنيتڪ
جيون ۾ تڪڙو تڪڙو وڪاس ٿيو . کيس هڪ ٻئي
پٺيان سڦلتا ملندي وئي ۽ اڄ هو اونچي شکر تي
آهي هن جي ڪنڊلي ۾ پربل راڄ يوگ آهي هو اڃان
به اونچي پدوي حاصل ڪندو . شري آڏواڻي کي
وڪاس ڪرڻ لاءِ اوسر ملندو رهيو ۽ هن اُن موقعي جو
پورو لاڀ ورتو . شري لال ڪرشن آڏواڻي جي
راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جي اڌڪارين ۾ وڏي
عزت آهي ۽ هو سندس ساراهه ڪندي ڪونه ٿڪجندا
آهن .

ڀاڳل ٿي پيو آهي پر آءٌ اوهان جي راهه کي ٻيو، گو
غلط ڪونه ٿو سڏيان بلڪ ان مان اهو سڌ ٿو لڌي ته
منهنجي آتما کي جنم اڳ، تائين مهان هڏسي شڌ ۽
پويتر هڻڻ سبب اونچي پدوي تي هڏي ليڪن پاپ
ڪرم ڪرڻ سبب منهنجي آتما هڪ پتت آتما بڻجي پئي آهي
۽ هن جيون ۾ منهنجي اڳيان اکين رهندو ته ڪڏهن ٻه
ڪري لوڪ سيوا جا ڪاريه ڪري پنهنجي پتت آتما
کي اُجول ڪري اونچو بڻايان من ڪرم ۽ واڻي سان
پاڻ کي پاپ کان بچايان ڪوڙ ڪنهن ڪلارو ڪري
سچ جي راهه تي هلان شانت سڀاءُ رکان ڪنهن سان
وير ورود نه ڪريان ڪنهن جي برائي نه ڪريان ۽
نه قلم سان لکان سڀ منهنجا متر آهن سڀ منهنجا
سائين آهن سڀ ساراهه جوڳا آهن. جيتري قدر ٿي
سگهي هن ڪايا کان ڪم وٺان. سڀ کان وڏي ڳالهه
ته پريم جي شرڻ ۾ وڃي هن اڳيان سڀ ڪجهه سمرپت
ڪري سڀ پنهنجا هن جنم جا يا اڳين جنمن جا
گناهه پاپ عيب منهنجا سڀ معاف ڪرايان. سڀ
ڪجهه هن جي مٿان ڇڏي ڏيان. آءٌ ايشور کي هن
ريت روز پرارٿنا ڪندو آهيان :—

ڪر چرڻ ڪرتم وا ڪايجم ڪرم جم وا
شروڻ نينجم وا - مانسم وا اپرادم

رهي آهي ڏنگن چڪٽ وارا ڪيرائنٽ وارا ته نعمت ماتر
ٿيندا آهن انهن جو ڪو به سٺو ڏوهه نه آهي. هن جنم
۾ جيتري قدر مون کي پنهنجي ڪرمن جي ڄاڻ آهي
ته مون پنهنجي هن جنم ۾ ڪي پاپ ڪرم کان پري رکڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي؟ سيوا جا ڪم انيڪ ڪيا آهن ان هوندي به
هڪڙو عرصو اهڙو به، آيو جڏهن ۾ مون کي هر مهيني
جيل ۾ سياسي ڪارڻن سبب وڃڻو پيو؟ آخر ۾ سن
۱۹۶۳ ۾ ۱۰ جنوري کان ۲۱ مئي تائين ۱۳۲ ڏينهن
آءٌ اڪيلو ڪال ڪوٺڙي ۾ ڊفينس آف انڊيا رولس ۾
ناحق بند ڪيو ويو هوس ڪڏهين مون کي
ائين محسوس ٿيندو آهي ته آءٌ پورب جنم جي پاپن
جو ڪو وڏو قرض پاڻ مٿان کڻي آيو آهيان هن جنم ۾
نيڪ ڪرم ڪري آءٌ اڳين جنمن جو قرض ويٺو لاهيان
هڪ دفع آءٌ ڪن سٺ پرشن جي وچ ۾ دهلي ۾ ويٺو
هوس پنهنجي منهنجي چهري کي چڪاسي پاڻ ۾ گفتگو
ڪئي. هڪڙي چيو ته هيترا جنم اڳ هي هن
اوچي پدوي تي هو پر مهاتما چيو ته برابر هن جي
اوچي پدوي هيترا جنم اڳ جي آهي پر سٺ پرشن
جي راءِ پر مون کين چيو ته اڄ جي ڪڏهن آءٌ
توهان جي ڳالهه تي ڳنڍي پر توهان واري ڳالهه دنيا
کي پڌائڻ شروع ڪندس ته ماڻهو چوندا ته ايسراٽي

آءٌ ٻيو ذڪر ڪريان ٿو. آءٌ ڀڳوان کي روز پرارٿنا ڪندي چوندو آهيان :—

آتما توم - گرجا مٿي
سهچرا پراڻا شريرم گرهم

هي پرڀو تون ئي منهنجي آتما آهين ۽ ماتا گرجا ڀواني منهنجي ٻڌي آهي. هن ڪايا ۾ جي پراڻ آهن سي ڪرم اندريون آهن اُهي تنهن جا سهچر آهن.

پوڄا تي وشيو اُپ ڀوڳ رچنا
نندرا سمادي اسٿتي
سنچار پديو - پر دڪشڻ وڌي
استرو تراڻي - سروا گرو
يد يت ڪرم ڪرومي
تت دکلم - شمڀو - تو - آرادنم
ڪر - چرڻ - ڪرتم وا ڪايجم ڪرم جم وا
شروڻ نيڻجم وا - مانسم وا اپراڌ م
وهتم وهتم وا - سرو مي تت ڪشمسو
جئہ جئہ ڪروڻا ٻڌي - شري مهاديو شمڀو
ڪلٽو ٻي -ومي اپراڌہ شو شو ڀو شري
مهاديو شمڀو

هن سلوڪ ۾ سمرپڻ جي ڀاونا آهي آءٌ چاهي پوڄا ڪندو هجان وشين جو ڀوڳ، ڪندو هجان ننڊ ۾

وهڪم وهڪم وا - سرو مهڪت ڪمسو
چنڊ چنڊ ڪروڙا ٻڌي شري مهاديو شنڀو
ڪنڊو يومي اپراڌهه شري مهاديو شنڀو

آءُ شنڪر ڀڳوان جو پوڄاري آهيان شو منهنجو اشٽ ديو آهي . ان جو مطلب اهو هرگز ناهه ته ڪو آءُ ٻين ديوتائن جي وروڌ ۾ آهيان يا ٻين لاءِ شرڌا ڪونهي اٿم سڀئي ديوي ديوتائن ۾ جيوتي ساڳي آهي پيو نالا الڳ الڳ آهن . آءُ من ڪرم وچن ڪرڻ ڪنن سان جيڪي به اپراڌ ڪريان ٿو آهي سڀ پرڀو اڳيان قبول ڪري ڏيان جي ساگر مهاديو شنڀو ڪان انهن اپراڌن لاءِ معافي گهرندو آهيان . ڀڳوان شري ڪرشڻ گيتا ۾ چوي ٿو ته تون ٻيا سڀ ڌرم ڇڏي منهنجي سيوا ۾ اچ پاڻ کي مون اڳيان سمرپت ڪر . سچ پچ سمرپڻ ڪرڻ ۾ سمرپڻ ڪرڻ واري کي وڏو آنند ملي ٿو .

هٿن سان هاڄ ڪندي مکه مان وچن ڪڍندي ڪنن سان ٻڌندي اکين سان ڏسندي پيرن سان پنڌ ڪندي من سان وچار ڪندي جيڪو به مون کان اپراڌ ڄاڻ ۾ يا اڻ ڄاڻائي وچان ٿيو آهي هي ڀڳوان مون کي انهن اپراڌن لاءِ معافي ڏئي .

شنڪر ڀڳوان سان جيڪو رشتو آهي اُن جو ب

پيدائشي پٿر ڪلهن کي به نظر نه ايندو آهي ان ڪري اهڙن به اڄ عام جي نظرن کان اوجهل ٿي ويا آهيون.

راڄنيتي ۽ پاڳه

راڄنيتي جو پاڳه سان گهرو سنبنڌ آهي. چوڻي آهي ته پاڳه ڏئي پهڙو ته دال مان به سهرو. جي پاڳه ۾ ڪجهه بڻجڻ لکيل نه، آهي ته پوءِ اهو پراڻي کيترو به اُدم ڪري ته هو ڪجهه به نه بڻجي سگهندو. مون پنهنجي جيون ۾ اهو انڀؤ پرايو آهي.

اجمير شهر ۾ اسيمبلي جا ٻه ٽڪ آهن هڪ ٽڪ ۾ سنڌين جي ووٽن جو تعداد سٺو آهي ان ڪري ان ٽڪ مان هر دفع سنڌي اُميدوار ٿي کٽندو آهي سياسي پارٽيون پڻ سنڌي پاڻ کي ٿي ٽڪيٽ ڏينديون آهن.

سن ۱۹۶۲ جي اسيمبلي چونڊن تائين منهنجي ڏاڪ شهر ۾ ڪافي جمي چڪي هئي مون اجمير شهر جي اولهه ٽڪ مان، جتي سنڌي ووٽن جو تعداد وڌيڪ آهي اسيمبلي جي چونڊ لڙڻ لاءِ پارٽيءَ جن سنگهه (هيندُر پارٽيءَ جنتا پارٽي) کان ٽڪيٽ گهري هئي. مون جو انومان هئو ته جي ڪڏهن پارٽي مون کي ٽڪيٽ ڏئي ها ته، آءٌ کٽي سگهان ها. جي ڪڏهن آءٌ سن ۱۹۶۲ ۾ اسيمبلي ميمبر بڻجي وڃان

هجان يا سماڌي ۾ هجان ٻين سان ٻڌل ڪندو هجان
يا پريڪرما ڪندو هجان آءٌ جيڪي به ڪرم ڪريان
ٿو اهي سڀ ڪرم توهان کي ارپڻ ٿو ڪريان.

شنڪر ڀڳوان کي ڀولو ڀنڊاري به چون ٿا اوير
داني به چون ٿا هو جلد راضي ٿيندڙ ديوتا آهي پر ڪڏهن
راضي ٿئي ڪڏهن تي راضي ٿئي ان جي خبر کيس
نه آهي.

مون ته اهو محسوس ڪيو آهي ته ڀڳوان جي
ڀڳتي ڪريو ڪجهه به ڪريو ڪرمن جو ڦل ته اوس
ڀوڳڻو ئي پوندو.

هري اڇا سان آءٌ راڄنيتي ۾ ڪانگريس ڀارتيه جن
سنگهه (هن وقت ڀارتيه جنتا پارٽي) بلڪل هڪ نئين
پارٽي هئي ان پارٽي کي پنهنجي ڪم سان ايترو ته
لوڪپريه بڻائڻو هئو جو اڄ هلي ديش جي
حڪومت واري پارٽي بڻجي. مون کي اها خوشي
آهي ته ڀارتيه جن سنگهه لاءِ پنهنجي سچائي ايمانداري
۽ اوچائي سان لوڪ سيوا جي ڪمن سان جن ڪم
ڪندڙن بنيادي پٿر جو ڪم ڪيو آهي انهن مان هي
بندو به هڪ آهي. آءٌ اها ڳالهه وڏي فخر سان چوندو
آهيان ته ڀارتيه جنتا پارٽي جي شاسن جو محل مون
جهڙن اسنيڪه ڪم ڪندڙن جي ڪلهن تي بيٺو آهي.

نه آهي انڪري ڪابه سٺا جي ڪرسي مونکي ڪونه ملي آهي جهڙوڪ اها پارٽي جنهن جي ڪم چمائٽ لاءِ مون پنهن جي جواني ڏني سا سڀ ۷۷ ڪان طاقت ۾ آئي آهي ليڪن اُن پارٽي طرفان مون ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي جاٽو ماڻهن جو اهو به رايو آهي ته راڄنيتي ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ جنهن پارٽي ۾ ڪابه لابي نه آهي تنهن پارٽي ۾ ڪجهه همت ڪرڻ ڏکيو آهي شروع کان ئي ايشور مونکي جهڙن ۾ ايڏو ته ڪم ڏنو آهي جو مونکي اها فرصت ئي نه رهي آهي جو آءٌ صبوح جو هڪ نيتا وٽ شام جو ٻئي نيتا وٽ سلام ڪريان .

هڪ دفع مکيه منتري شري ڀيرو سنگهه شيخاوت منهنجي پرم متر شري رام چنملاڻي کي شڪايت ڪئي ته ، نانڪرام کي چئو ته هو منهن جي وڌيڪ ويجهو اچي سمپرڪ وڌائي . آءٌ به اُن وقت موجود هوس مون کيس چيو ته ، توهين آهيو مکيه منتري . توهان سان ملڻ آهي ڏاڍو ڏکيو . چوڻ ۾ اوهان جو سيڪريٽري چوندو ته ، "صاحب بزي هئا . ملڻي ڪا سمهه . ايڪ هفتي تڪ نهين هئا ." هاڻي ٻڌايو ته اوهان سان ملڻ لاءِ هڪ هفتو پيا ته ويهي انتظار ڪجي يا وري ٻيو دفع اچڻ مان سڀاڻي اچي ساڳيو جواب

ها ته شايد اڄ منهنجي ڀڳٽ پارٽ جي راشٽريه نيتائن
۾ هجي ها. دک آهي ته مونکي پارٽي ٽڪيٽ نه
ڏني جنهن ڪري غير سنڌي کي ٽڪيٽ ڏنائون ان به بري
طرح هارايو ان ڪانپور سنه ۱۹٦۷ جي اسيمبلي چونڊن
۾ مون پارٽي کان ٽڪيٽ گهري هئي ليڪن سنه
۱۹٦۷ ۾ به ٽڪيٽ نه ملي انڪري مان راڄنيتي مان
ڪٽ ٿي پيو مون سوچيو ته شايد ايشور جي اڇا
راڄنيتي ۾ وڪاس ڪرڻ جي نه آهي منهنجي واڳ ته
هئي سچ جي همت جيئن وٽيس تيئن هلائي.

سنه ۱۹۷۲ ۾ برهانپور ۾ سنڌين جي دوڪانن کي
باهه لڳائي ويئي هئي. ان سلسلي ۾ آءٌ برهانپور
ويو هوس. ان وقت اتان جو اسيمبلي ممبر ڀارتيه
جن سنگهه پارٽي جو شري پرمانند گوئندي والا هيو. هو
وڪيل هيو پر جيوتش ۾ به ماهر هيو همت جي ليڪن
جي ڇاپ وڌي هو پوشيه. قل ڪڏائي سگهندو هيو هن
منهن جي همت جي ڇاپ وڌي مونکي اهو صاف صاف
ڪڏايو هيو ته منهن جو راڄنيتڪ جيون بس ايترو ٿي
هيو. اهو نڪتو به سچ مون سنه ۱۹٦۷ کان پوءِ
پنهن جو راڄنيتڪ جيون وري ٺاهڻ جي ڪوشش به
ڪئي ليڪن ڪابه سڦلتا اڃان تائين ڪونه ملي آهي
ڪن جو چوڻ آهي ته راڄ يوگ منهن جي ڪنڊلي ۾

پاڻ وٽ گهرايو . هي تـه، اُن وقت شري رمضان خان جي مهربانـي سان منهنجو ڪم ٿي ويو نه تـه مونـکي پنهنجي انهن سالـن اڳـهان لـڄي ليڊر ٻـوي ها جن کي آءٌ گاڌي ۽ ويهاري وٺي آيو هوس . پر ڪيترن انهن موقعن تـي آءٌ ٻنهن ملاقات جي ئي موٽي هليو ويو آهيان .

مون ۾ ننڍي هوندي کان ڪجهه سواڀيمان جــي ڀاونا آهي انڪري ڪرسي نه ملڻ جو نقصان سهنڊي به آءٌ ان ريت ڪنهن جي خوشامد لاءِ ڪنهن جي اڳـهان پنهنجي نه ڦرندو آهيان . منهن جو اهو جواب ٻڌي شري پترو سنگهه چپ ٿي ويو .

ڪجهه ڪاريه :— جڏهن وقت مونـکي راڄنيتي ۾ آندو ويو هيو اُن وقت پارٽيءَ جي سنگهه جي استاپنا ٿي هئي . پنڊت جواهر لال نهرو جي اڳوانـي هيٺ ڪانگريس جي ٻه زبردست ڏاڪ هئي . ڪانگريس هڪ زبردست شڪتي هئي اُن شڪتي کـي هٽائڻ پاڻ کي شڪتيشالي بڻائڻ لاءِ جن سنگهه روڙي ٻالڪ ڏيئي جـو نيشان کڻي هليو هيو . اُن وقت جن سنگهه اڳيان هڪ مقصد هيو تـه اسان پنهن جي سچائـي ۽ ايمانداري ، لـڳن ۽ سخت محنت سان ڪم ڪري جن سنگهه کـي لوڪپريه بڻايون جن سنگهه ماڻهن جي

پڌ جي . ڪيس ٻڌايم ته ۲۸-۳-۸۹ تي اوهان مون کي
جڏهن ۽ ۲-۴-۸۹ تي ملڻ لاءِ زباني وقت ڏنو. آءٌ اُن
تي ڳڌيل ٻڌي اجمير مان هڪ ميٽاڊور پوري ۱۵ ماڻهو پاڻ سان
گڏ وٺي جڏهن اوهانجي آفيس تي پهتس. سيڪريٽري
کي چيم "صاحب سي ملا دو" جواب ڏنائين ته "صاحب
ڪو فرصت نهين هئي، آج ڪي ڊائري ۾ آپ ڪي
ملاقات ڪا ڪوئي ذڪر نهين هئه." ان تي مون
سيڪريٽري کي چيو ته صاحب طرفان پارٽي آفيس ۾
مون کي اهو وقت ڏنو ويو هيو. تون کيس ٽيليفون
ڪري ڪائيدس پڇ. پر هن جواب ڏنو ته مان ٽيليفون
به نه ڪندس وري مون کيس چيو ته پلا مهنجو
وزيٽنگ ڪارڊ اندر ڏياري موڪل متان کيس ياد اچي
جواب ڏنائين ته ڪارڊ به ڪونه موڪليندس چپراسي
کي چيم ته مهنجو ڪارڊ وڃي صاحب کي ڏيکار
چپراسي چيو ته نه. جيستين سيڪريٽري نه چوند
آءٌ ڪارڊ ڪونه کڻي ويندس. آءٌ ڏاڍو پريشان ٿيس اُن
وقت اجمير جو شري رمضان خان جو اُن وقت منتري هو
سو توهان جي چيمبر مان ٻاهر نڪتو هن کي مون
سڄي حقيقت ٻڌائي ان تي شري رمضان خان چپراسي
کي دٻ ڪيو ۽ هو مهنجو ڪارڊ توهان وٽ آيو
توهان ڪارڊ ڏسنديئي اسان سڀني کي اندر هڪد

پوليس کاتي ۾ ڀرشٽاچار هيو ۽ اڄ به آهي. اسان جي ڪانگريسي منتري مون کان ڀرشٽاچار جو ثبوت گهرندا هيا جو مون پيش ڪيو. اجمير ۾ ريلوي اسٽيشن سامهون گهٽيا گهر پوليس ٿاڻو آهي. ان ٿاڻي ۾ ناجائز وصولي ۽ ان جي خرچ ۽ ورهاست جو ليکو جوکو رکيو ويندو هيو مون کيس ترڪيب سان ٿاڻي مان اهو اڪائونٽ هٿ ڪري سڄو راجستان اسيمبلي ۾ پيش ڪرايو. اسيمبلي ۾ جن سنگهه جي منتري شري سکيش چندر اگروال اهو اڪائونٽ پيش ڪيو. ساري راجستان ۾ تهلڪو مچي ويو. ٿاڻي تي تعينات سڀ پوليس ڪرمچارين کي لائين حاضر ڪري سندن خلاف جوڳي ڪارروائي ڪئي ويئي.

اجمير ۾ جوئا جا اڏا هلندا هيا ۽ اڏو ٢٤ ئي ڪلاڪ هلندو هيو. مڪاني پوليس ڪائين پئسا وٺندي هئي. اهي پئسا بالا آفيسرن کي پهچندا هيا انڪري ڪا ڪارروائي ان اڏي کي بند ڪرائڻ لاءِ نه پئي ٿي مون ان معاملي کي ڪيترن اخبارن ۾ به لکيو پبلڪ ميٽنگن ۾ به آواز اٿاريو. اڏو هلائيندڙن مون کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن هو ڪامياب نه ٿيا مون اسپيشل پوليس ساڻ وٺي جوئا جي اڏي تي چڙهائي ڪرائي ان اڏي کي بند ڪرايو. اڄ

دلين ۾ جاءِ هٿ ڪري ڪانگريس ۽ ٻين سنسٿائن
جي ڀيٽ ۾ ستا چريتروان انوشاسٽ ليڊر پيدا ڪري
تڏهين وڃي ڪانگريس بدلجي سگهندي . اُن مقص
کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جن سنگهه کي وقت ضرور لگ
آهي پارٽي جو نالو به بدلائڻو پيو پر ڪاميابي ضرو
ملي آهي ڪالهه جو جن سنگهه اڄ جي ڀارتيه جنتا پارٽي
آهي جنهن جي راشٽريه اڳوانن جي ڏاڪ سڄي دن
۾ ڦهلجي چڪي آهي . ٥-۴ راڄن ۾ اڄ پارٽي
ستا روڙهه آهي ۽ ڪيترن ۾ هڪ دفع ته ستا جو سو
چکي چڪي آهي . ان ڪري اڄ پارٽي وٽ اڳوانن
ڪم ڪندڙن جي ڪمي نه آهي . جڏهين ڪ اسا
کي شروع ۾ ٽارچ کڻي ڪم ڪندڙ ۽ اڳوان ڳولهڻا پون
هيا ان هوندي به اجمير ۾ هڪ عرصو اهڙو به آيو ه
جو حڪومت ڪانگريس هئڻ جي باوجود حڪ
ايسرائي جو هلندو هيو ڪنهن اڌڪاري جي همت
نه ٿيندي هئي جو ايسرائي جو حڪم ٽاري سگهي
ايسرائي سان بدتميزي سان پيش اچي توهين ه
ڪٿن کي وڌاءُ ڪري نه سمجهو پر اهو هڪ سچ
حقيقت آهي جنهن جي تصديق پراڻا ماڻهو ڪر
سگهن ٿا .

اجمير ۾ پوليس ناجائز وصوليون ڪندي آه

وارو ئي جوابدار کي ضمانت تي ڇڏي ڏيندو آهي اُن
قلم هيٺ شهر جي معزز واپارين کي سڄي رات جيل ۾
بند رکيو ويو اهو سراسر نياءُ هيو. رات جو هڪ بجي
ٻيا بزار جا ٻه واپاري مون وٽ آيا ۽ هن بي انصافي
جي خبر ڏنائون مون شهر ڪوتوال کي فون ڪيو ته
ضمانت ڇو ڪين ٿو ڪٽين؟ جواب ڏنائين ته ايس پي
صاحب منع ڪئي آهي مون ڪيس چيو ته آءٌ ٿو اچان
تو وٽ پوءِ ڏسان ٿو ته ڪيئن نه ٿو ضمانت ڪٽين.
هن چيو ته آءٌ هينئر کان ئي غائب ٿو ٿيان. آءٌ اُنهن
شڪايت ڪندڙ واپارين کي وٺي صدر ڪوتوالي تي
ويس. اُتي ڪو به ذميوار اڌڪاري ڪونه ڏٺو صرف
هڪ ٽيليفون ٻڌوني وارو سپاهي ويٺل هيو. انڪري
آءٌ سڀني واپارين کي وٺي سٽي مئجسٽريٽ جي بنگلي
تي پهتس ڪيس ننڊ مان اُٿاري حقيقت ڪئي رات
۾ ڪائنس ضمانت جو آرڊر ڪرايو ضمانت مچلڪا پيش
ڪري صبوح ٿيڻ کان اڳ رات جو ئي اُنهن واپارين
کي آزاد ڪرائي آيس. جيتوڻيڪ اهو ڪاريه وڪالت
سان واسطو رکندڙ هيو آءٌ چاهيان ها ته موني رقم فـي
جي ناتي وٺي سگهان ها ليڪن جن سنگهه لاءِ مد ڀاونا
پيدا ڪرڻ جي خيال کان مون اُنهن واپارين کان هڪ
پئسو به ڪونه ورتو.

ته اهو چئي سگهان ٿو ته اهو اڃا اُن هنڌ تي اڄ ب—
بند آهي .

مدار گيٽ ٻاهران اجمير ۾ سنڌي پناهگير ٻهار
۽ ٽڏن وڪڻڻ جو ڪم ڪندا هئا . هي سنه ١٩٦١-٢
جي ڳالهه آهي اُن وقت اجمير ۾ هڪ مٽو قري
ڪليڪٽر آيو هيو ڪيس ميونسپل جو ائڊ منسٽريٽر
بڻايو ويو . هن ناجائز قبضا هٽائڻ جي آڙ ۾ مدار گيٽ
تان اُنهن غريب سنڌين دوڪاندارن ٻهارن ۽ ٽڏن وڪڻندڙ
کي زوري بي دخل ڪيو . اهي دوڪاندار مون و
دانهين آيا . مون ڪانگرس ستياگره ڪرايو ڌرڻو ڏياري
نيٺ سرڪار جهڪي ۽ اُنهن دوڪاندارن کي مستقل
۽ پلازا سنيمائن جي وچ ۾ هڪ مارڪيٽ ٺهرائي—
ڏنائون جنهنکي اڄ ڪالهه ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ب
چون ٿا .

اجمير ۾ نئون ايس پي آيل هيو ته
پنهنجي دوڪان جمائڻ ۽ دهشت ڏيکارڻ لاءِ اج
جي نيا بزار جي ١٧ واپارين کي پوليس ائڪٽ ج
ڌارا ٣٤ هيٺ گرفتار ڪري ڪوتوال کي حڪم ڏن
انهن واپارين کي هڪ رات بند رکڻو آهي رات ج
سندن ضمانت نه ڪندي ويندي پوليس ائڪٽ جو
٣٤ معمولي قلم آهي جنهن ۾ رستي تي بيٺل پ—ول

پر ڪانگريسي پنهن جي منتري وقت نه وهي مون
وقت آيو مونکي چيائين ته اسان جي پاڙي ۾ اپراڌڪ
واردات ٿي آهي بدمعاش بلوو ڪيو آهي توهين اسان
کي مدد ڪريو. ڪيس ڪجهه چوڻ کان سواءِ آءُ اوڏي
مهل ئي هن سان گڏ ويس پوليس ۾ رپورٽ درج
ڪرائي پوليس کي ساٿ ڪڍي بدمعاش جي ڳولها
پنهنجي ويس جوابدارن کي چئن بجي رات تائين ڳولهي
گرفتار ڪرائي واپس موٽيس. ان ڪم لاءِ هڪ پئسو
به مون ڪونه ورتو. منهن جي ان سيوا کان پوءِ اهو
سچ مهنجو پڪو متر ٿي پيو. مون هن کي ٻڌايو
ته هي متر جهڙو شخص سيوا جي ميدان ۾ اچي ٿو
اُن کي اهو نه ڏسڻو آهي ته دکي آدمي ڪير آهي؟
هن جي جاتي ڪهڙي آهي هن جو ڌرم ڪهڙو آهي.
سيوا ۾ جيڪو ڀيد ڪري ٿو اهو سچو سيوڪ نه ٿو
ٿي سگهي. آءُ صرف ايترو ڏسندو آهيان ته منهن جي
اڳيان دکي انسان سهائتا وٺڻ لاءِ بيٺو آهي جيڪڏهن
منهن جي سهائتا سان هن جو ڪجهه ڀلو ٿئي ته مونکي
خوشي ٿيندي.

آءُ هڪ هندو اڳوان جي ناتي سڃاتو وڃان ٿو پر
اُن جو اهو ڪو مطلب نه آهي ته آءُ ڪو مسلم وروڌي
آهيان مون اجمير جي مسلم ڀائرن جي به سيوا ڪئي

هڪ واپاري جي گهر ڪڏهن مهلا جو موت شڪي
حالتن هيٺ ٿيو . اهو واپاري گهبرائجي ويو ۽ اڌ
رات جو ٽي وڳي وقت آيو مون ڪيس چيو ته آءُ هڪ
شرط تي سهڻوڪ ڏيندس . آءُ پاڻ پوليس ۾ ايف آءِ
آر داخل ڪرائيندس لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو
ويندو ۽ پوليس کان بي رياء جانچ ڪرائيندس جي
ڪڏهين ڪو اعتراض ڪيل هوندو ته پنهنجي همت سان
جوابدار پڪڙائيندس اهي حالت ۾ پوليس اوهان کي
نه همت لڳائيندي ۽ نه وري پئسا کائيندي . ان
سيٺ اها ڳالهه قبول ڪئي ان مطابق جانچ ڪرائي
ويئي ۽ هن جي نردوش هجڻ سبب پوليس ڪيس
ڪيچ نه ڪيو ۽ نه هڪ پئسو کاڌو مون به ڪائڏن هڪ
پئسو ڪونه ورتو .

سنه ١٩٦٢ جي چونڊن کان ترت ٽي پوءِ هڪ
ڪانگريسي سيٺ جنهن منهنجي خلاف تازو ٽي
چونڊن ۾ ڪم ڪيو هيو سو رات جو ١٢ بجي وڳي
وقت ٻچندي ٻچندي آيو . ٻچندي ان ڪري آيو
ڇاڪاڻ ته ڪيس اهو ڊپ هيو ته مون تازو اليڪشن
جي خلاف چونڊن ۾ ڪم ڪيو آهي متان ڪٿي مدد
ڪرڻ کان انڪار ڪري وجهي . جنهن سيٺ مون کا
چونڊن ۾ ڪئيو هيو اهو راجستان جو مالي منتري پيٺو ه

يس اُن کان اڳـــ، صرف ۷ ڪرمچارين جــا ڪيس
ائيبل ٿـي چڪا هيا اُنهن کي سزا ڏني ويئي هئي
ون اُنهن طرفان اپيلون داخل ڪري ڪين صفا بـــري
ڪرايو باقـــي ۵۳ ڪرمچارين جا مقدما هڙتال واپس
ٿيڻ تائين فيصل ٿيڻ نه ڏنا روزانو درخواستون ڏيئي
ڪون، ڪو ڦڏو هٿي ڪيس کي هلڻ نه ڏيندو هوس .
هڙتال واپس ٿيڻ تي سرڪار اُهي بقايا مقدمـا واپس
ڪيائي ڇڏيا . اهڙي ريت سنه ۱۹۷۴ع واري هڙتـال
۾ ۲۵۰ ريلوي ڪرمچاري گرفتار ٿيا هيا پورو هڪ مهينو
ڻئي ۱۹۷۴ آڌ سچو ڏينهن هڪ ئـــي ڪورٽ چيف
جيوڊيشل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ صرف ريلوي جا
مقدما لڙندو هوس آخري ڏينهن تائين هڪ به ڪرمچاري
جي ڪيس جو فيصلو نه ٿيڻ ڏنو . هڙتال ختم ٿـــي
هڪ ئي ڏينهن ۾ سڀني جوابدارن کي جيل مـان آزاد
ڪرايو اُن کان پوءِ سرڪار طرفان ڪيس ڪيايا ويا.
اُنهن سڀني ڪيسن ۾ مون هڪ پئسو به في ڪونـــ،
رتي بلڪ ٽائيپ ۽ نڪلڻ جو خرچ به پاڻ ڪندو
هوس مهنجي ان مفت جي سهوا تـــي ڪي وڪيل
ائو ناراض ٿـي پيا چوڻ لـڳا ته توڻ اسان جو ڌنڌو
و خراب ڪرين مون ڪين چيو ته مترو ناراض نه ٿيو.
بچارا هڙتالي ڪرمچاري ڪڏهن ايراڻ هيٺ جيلن ۾

آهي درگاهه شريف ۾ خادم سماج ۾ مڙهن جي لاءِ سٺي عزت آهي ۽ پهريون شخص هوس جنهن خادمن جي محلي ۾ ڏوتي ڪرتو ۽ پهلي ٽوپي پائي سڀ کان پهرين عام سڀا ڪئي هئي.

جڏهين اجمير الڳ هيو تڏهن ڀارت ۾ سڀ کان پهريون راجه اجمير هيو جتي اسهاءِ بزرگن کي ۽ وڌوائن کي ٣٠ روپيه ماسڪ پينشن ڏيڻ شروع ڪئي ويئي ان وقت شري ارجنداس گجواڻي وڪيل وڌائڪ هيو مون سڄي شهر ۾ گهر گهر گهمي مدد جي لائق ماڻهن کان فارم ڀرائي اٽڪل ٽي هزار هڪي انسانن کي شري گجواڻي جي سهيوڳ ماسڪ پينشن بحال ڪرائي ڏني ان ڪم لاءِ ڪنهن کان به ڪوبه اجورو ڪونه ورتو ويو ۽ ان وقت پاڪ اوٿ ڪمشنر هوس سڀني درخواست ڪندڙن جا قسم ناما به مون مفت ۾ تصديق ڪري ڏنا.

منهنجي جيون ۾ ڀارت جي ريلوي ڪرمچارين جي ٢ دفع راشٽر وياپي هڙتال سنه ١٩٦٠ ۽ ١٩٧٤ع ۾ ٿي آهي. سنه سٺ ۾ ڪرمچاري گرفتار ڪيا ويا هئا. ڪرمچاري يونين مون کي مدد ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي گرفتار ٿيل ڪرمچارين مٿان مقدما جيل ۾ هلندڙ هيا. ۽ جڏهين جيل تي ڪيس اڙڻ لاءِ

ٻي ڌر سان ملي ويو . مون سنه ١٩٦٢ع ۾ اسيمبلي چونڊن ۾ هارائڻ کان پوءِ اليڪشن پٽيشن داخل ڪئي هئي جنهنڪري هلائڻ لاءِ بهار هاءِ ڪورٽ جو جج جسٽس سنها مقرر ڪيو ويو هيو . اهو مقدمو جنهور ۾ هلندو هيو . مون پاڻ هلايو هيو . جج صاحب ڪيس کي سڻي رٽ هلائڻ ڪيس جي فيصلي ۾ منهنجي ساراهه ڪئي هئي .

پوليس مٿان دٻدٻو :— پوليس مٿان منهن جو دٻدٻو ڪيئن وڌيو . ان جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان . پيشي کان آءٌ وڪيل آهيان انڪري نڊر ۽ ساهسي آهيان . جڏهن سنه ١٩٥٤ ۾ آءٌ سرگرم راڄنيتي ۾ آيس اُن وقت اجمير هڪ الڳ راڄيه هيو هت مرڪز جو راڄ هيو . اُن وقت هڪ شري رمينڌر سنگهه نالي شهر ڪوتوال هيو . هن جو شاهي دٻدٻو هيو غونڊا هن جي نالي کان ڪنه ڪانئيندا هيا . هو غونڊن کي پڪڙي مرغو بڻائيندو هيو .

اُنهن ڏينهن ۾ اجمير سرڪار اجمير راڄيه ۾ وڪرو ٽيل لڳائي جن سنگهه طرفان اُن ٽيل جو وروڌ ڪيو ويو . اُنهن ڏينهن ۾ راشٽرپتي اجمير آيو هيو جنهن کي جن سنگهه طرفان منهنجي اڳواڻي هيٺ ڪارا جهنڊا ڏيکاريا هيا . پوليس مونکي گرفتار ڪيو .

بند نہ ٿيا آهن بلڪ هو پنهن جي ٻارن جو پيٽ پال
لاء جيل ۾ پيا آهن انهن سان همدردي ڪرڻ ڪپي
انهن مان ڪمائي ڪرڻ کان جڳائي .

اهڙي ريت سنہ ۱۹۷۴ ۾ راجستان جي راجه
ڪرمچارين جي هڙتال ۾ بنا اجوري وڃڻ جي مون
سندن مقدما لڙيا .

سنہ ۱۹۷۵ ۾ امرجنسي ۾ راشٽريہ سويم سيوڪ
سنگهہ جي گرفتار ٿيل سويم سيوڪن جا مقدما بہ مون
لڙيا سندس خلاف جيل ۾ مقدما هلايا ويندا هيا مون
ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ سان جهيڙو ڪري جيل ۾
مقدما هلائڻ بند ڪرايو .

ان ريت سنہ ۱۹۵۴ کان وٺي اڄ سوڌو گذريل
۴۴ سالن ۾ پنهن جي وڪالت جي جيون ۾ مون ا
ڪان مٿي ڪيس مفت ۾ لڙيا آهن . وقت تي
ضرورت مندن کي پنهن جي هڙان خرچ ڪري بہ مد
ڪئي هوندي مون پنهنجي وڪالت جي جيون
هڪڙو بہ مقدمو ڪوڙو ڪونہ ڪنيو. ايمانداري ۾ منهن
جي اجمير ۾ ڏاڪ جهڙل آهي ڪو بہ شخص منهن جي
مٿان اجان تائين ڪو بہ الزام ڀرشٽاچار جو يا بداخلاقي
جو يا بيئماني جو نہ لڳائي سگهيو آهي ڪير بہ آ
ڪٿي ڪونہ چئي سگهندو تہ منهن جو وڪيل نہ انڪار

مٿن ڪيئن ڏجي . مٿن جي نئين جهون جي ان
ڀرتين ساهسي قدم مٿن جي ڏاڪ ڄمائي ڇڏي .
مون ڪوتوال خلاف فوجداري ۽ ديواني ٻئي مقدما
داخل ڪيا هيا معاملو هاءِ ڪورٽ تائين ويو آخر
ڇڏهين ان ڪوتوال مونکان معافي ورتي تڏهين مون
ٻئي ڪيس ڪڍائي ڇڏيا .

مٿي آءٌ ذڪر ڪري چڪو آهيان ته ڪيئن مون
ڪلاڪ ٽاور ٿاڻي تان رشوت ۽ ناجائز ڪمائي جي
وهي هٽ ڪري راجستان اسيمبلي ۾ بحث ڪرائي
هئي ان جو اثر اهو ٿيو ته ڪلاڪ ٽاور پوليس اسٽيشن
تي مقرر ٿيندڙ ٿاڻيدار ڀرتين مونکي اچي سلام
ٺوڪيندو هيو ۽ چوندو هيو ته ٻانهو مهر جي نظر رکجو .
هڪ دفع هڪ ٿاڻيدار اسان جي پارٽي جي هڪ ڪم
ڪندڙ کي بنا ڪنهن ڏوهه جي گرفتار ڪيو . ٿاڻي
تي وڃي مون ان ٿاڻيدار کي نه رڳو ڏر پٽ ٻڌائي ٻلڪ
ٽن ڏينهن ۾ ڪيس ٿاڻي تان بدلي ڪرائي ڇڏيو .

ٿاڻي جي رشوت ڪانڊ ۾ جڏهن پوليس واري
شري موهن لال شرما مونکي ٿاڻي تان وهي آڻي ڏني
هئي هن کي بـ سسپينڊ ڪيو ويو هيو ليڪن سرڪار
هن خلاف نه وڌيڪ ڪاروائي ڪري سگهي ۽ نه وري
هن کي ڪا سزا ڏيئي سگهي هئي ڇاڪاڻ ته جڏهين

گرفتاري ڪرڻ وقت پوليس کي فرد گرفتاري
تيار ڪرڻو پوندو آهي جنهن ۾ گرفتاري جو وقت ب
لکڻو پوندو آهي. مون کي صبوح جو ڏهين بجي گرفتا
ڪيو ويو هيو اهو وقت فرد گرفتاري ۾ لکيل هيو
گرفتاري کان پوءِ پوليس لاءِ لازمي آهي ته هو جوابدا
کي گرفتاري جا ڪارڻ ٻڌائي ۽ ڪيس ٢٤ ڪلاڪن
اندر ويجهي مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيو ويو. ان
تي مون مئجسٽريٽ کي چيو ته مهرباني ڪري
مون کي اوهان اڳيان پيش ڪرڻ جو وقت رمانڊ
ڪاغذن ۾ نوٽ ڪريو. مئجسٽريٽ طرفان ڪاغذن
وقت درج ڪيو ويو. مون ضمانت تي ڇٽڻ کان پو
ڀڪا نقل ورتا ۽ شهر ڪوٽوال خلاف ناحق بند ڪرڻ
جو قلم ٣٤٢ هيٺ ڪيس داخل ڪيو. مٿهن جي
گرفتاري ٢٤ ڪلاڪن کان پوءِ غير قانوني هئي ڇاڪا
ته مونکي ٢٩ ڪلاڪن کان پوءِ مئجسٽريٽ وٽ پيش
ڪيو ويو هيو. منهن جي فرياد کي مڪاني ڪورٽ
ٻڌڻ جوڳو ٺهرائي ڪوٽوال کي ڪورٽ ۾ طلب ڪ
اُنهن ڏينهن ۾ هيڙي جبري ڪوٽوال مٿان مقدمو
ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪونه هئي. ننڍيڙي اجم
راجيه ۾ تهلڪو مچي ويو مٿري منڊل جي ٻئي
آئي جنهن ۾ ان ڳالهه تي ويچار ٿيو ته ان مقدمي ک

مئجسٽريٽ صاحب کي ڏيو ته هو ان معاملي جي
پوليس کان جانچ ڪرائي جوڳي ڪاروائي ڪندو .
اها هڪ سهڻي ۽ سٺي صلاح هئي ان ۾ ڪو هندو مسلم
جو وروڌ ڪونه هو . ليڪن پوليس مئهنجي ان
ڪاروائي تي هڪدم انڪشن ۾ اچي ويئي. اُن وقت
جو ايس پي گنيج ٿاڻي تي ويو . اتي هر ٿاڻي ۽
چوڪي تان پوليس جا ماڻهو گهرائي کين هدايتون
ڏنائين ته نانڪرام ايسراڻي خلاف روز نامچي ۾
رپورٽون لکو ته مندر ٽوڙڻ جي معاملي تي نانڪرام
ايسراڻي هندن کي ڀڙڪائي رهيو آهي ان مان شانتي
ڀنگ جو خطرو آهي . ان کي روڪڻ لاءِ گرفتاريون
ضروري آهن ان سبب هندن ۽ مسلمانن جون گرفتاريون
ڪرڻ شروع ڪيو . ايس پي جي اهڙي حڪم ملڻ
کان پوءِ سڄي شهر ۾ پوليس شانتي ڀنگ جي انديشي
۾ ٢٨ هندن کي ۽ صرف ٻن مسلمانن کي پڪڙيو . اُن
کان پوءِ ٻئي ڏينهن تي وڏو اڻالو وٺي ايس پي پاڻ
گهڻا گهر پوليس ٿاڻي تي آيو . اُن وقت مئهنجو گهر
۽ آفيس گڏ هڪ ئي مڪان ۾ هئا اُهو مڪان مدار
ڪيمت جهڙي ٻزي ٻزار ۾ پوليس ٿاڻي کان صرف پنجاهه
قدم پري هو . آءٌ آفيس ۾ شام جو ويٺو هوس ته ٻه
سي آءِ ڊي وارا مئهنجي آفيس ۾ آيا ۽ اچي مونکي

۾ هن خلاف جانچ شروع ڪئي تڏهين اها ڪونہ، ڪو
قانوني قدم کڻي جانچ روڪائي ڇڏيندو هـوس آخر
سرڪار مجبور ٿي هن سپاهي کي بي داغ ٺهرائي
واپس نوڪري ۾ کنيو هيو .

پرشٽاچار اهو ٿي ڪندو جنهنکي ڪا سزا هوندي
جيڪو شخص پرشٽاچار جو وروڌ ڪري ٿو هو سزا
جي ڏکر ۾ اچي ٿو . سزاداري پرشٽاچاري شخص
پنهنجي وروڌي شخص خلاف سزا جو دراپيوگ ڪندو
آهي ۽ هن کي ڪشٽ ڏيڻ لاءِ ڪوڙ ڪٿيندو آهي .
مون سان بہ اها روئداد ٿي . مون هڪ ٿـي وقت
ڪليڪٽر ڊي آءِ جي پوليس، پوليس سپرنٽينڊنٽ ۽
ٻين پرشٽ اڌڪارين خلاف سنگهرش ڇيڙيو انڪري
انهن سڀني پرشٽ اڌڪارين مونکي سبق سيکارڻ
جي سٽ سٽي . سنہ ۱۹۶۱ جي آگشٽ مهيني ۾ آءٌ
هڪ ڏينهن ڪورٽ ۾ ويٺو هوس تہ اُن وقت هڪ
هرجي نالي شخص مون وٽ آيو ۽ اچي دانهن ڏنائين
تہ بابو گرڌهر ٿي هندن جو مندر آهي اُن کي مسلمانن
ڪنبت ڪيو آهي . توهين مهرباني ڪري اسان جي
اُن ڏس ۾ مدد ڪريو مون کين صلاح ڏني تہ معاملو
گنڀير آهي ان جي جانچ ٿيڻ کپي آءٌ توهان کي هڪ
درخواست ٺاهي ٿو ڏيان اوهين اها درخواست سڀ

ڪيئن لاڳو ٿيندو ؟ وري ڪيس چيم ته گرفتاري لاءِ
منهنجا ٢ شرط هڪ ته گرفتاري جو حڪم هت منهنجي
آفيس ۾ ڏاهڙو پوندو جنهن ۾ پورين حالتن جو صحي
بيان هوندو ۽ ٻيو گرفتاري لاءِ شاهد آءٌ پنهنجا ماڻهو
ڏيندس پوليس جا دلال شاهد نه ٿيندا . ڪيس اهو به
چيم ته اِن هوندي به توهان جي ڪڏهن زوري مونکي
پڪڙي ويندين ته آءٌ بزار ۾ شور مچائيندس ۽ تنهنجي
وردي نن ڏينهن ۾ لهرائي توکي نوڪري مان ڪڍائي
ڇڏيندس اُن وقت تنهن جو ايس پي به توکي مدد نه
ڪري سگهندو . ڪوتوال جنهن جو نالو ستيه سروپ
شرما هيو سو منهنجي ڌمڪي کان ڏڄي ويو ۽ مونکي
گرفتار ڪرڻ کان سواءِ ئي موٽي هليو ويو ٻوري ڏينهن
کان پوءِ شري پالچند گپتا منهنجو موڊ ڏسڻ لاءِ ملڻ
جي آفيس ۾ آيو . هو پوليس جو سرڪل آفيسر هيو .
ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪيم ۽ ويٺو پڇيومانس ته ڪيئن
آيو آهين . چيائين ته چانهه پيئڻ . مون ڪيس چانهه
پياري اُن کان پوءِ هو هليو ويو . هن جي وڃڻ کان
پوءِ مون رات جي روٽي کاڌي ۽ هزاري باغ تـائين
گهمي پنڌ ڪري آيس پر پوليس کي مونکي هٿ
لائڻ جي همت نه ٿي . گهر موٽي اچي مون دروازا
بند ڪيا ۽ ڪليڪٽر ايس پي ڊسٽرڪٽ سيشن جج

چوائون ته ايس پي صاحب توهان کي ٺاڻي تي گهرايو
آهي توهين اسان سان گڏ ٺاڻي تي هلو.

ته اڳ ۾ لکي چڪو آهيان ته پوليس ۾ منهن
جا ڪهڻيئي پريمي هيا جي پوليس جي قدم قدم جي
رپورٽ مونکي اچي ڏيندا هيا. شهر ۾ مون کان اڳ
جيڪي به گرفتاريون ٿيون هيون اُن مان مونکي
سنگهت مليو هيو ته هينئر ڪڏهين به منهنجي
گرفتاري ٿي سگهي ٿي. ان سوچڻا هيٺ سبب آءٌ
سمجهي ويس ته هينئر ايس پي مونکي ٺاڻي تي
گهرائي پيار محبت ڪونه ڪندو پر مونکي گرفتار ٿي
ڪندو. ان سبب مون سي آءِ ڊي وارن کي چيو ته
وڃي ايس پي کي چئو ته هو مونسان ٽيليفون تي
ڳالهائي. جيڪو به ڪم هجي سو ٻل ٽيليفون تي
مونکي چوي. اهو جواب ٻڌي سي آءِ ڊي وارا
واپس هليا ويا. ٿوري دير کان پوءِ ڪلاڪ ٽاور
پوليس ٺاڻي جو ڪوتوال ڪجھ سپاهي ساڻ ڪٺي
منهنجي آفيس ۾ مونکي گرفتار ڪرڻ لاءِ آيو. مون
کانئس پڇيو ته ڪهڙي خوشي ۾ پوليس جي برات وٺي
مون وٽ آيو آهين؟ جواب ڏنائين ته توهان کي گرفتا
ڪرڻ آيو آهيان. وري پڇيو مانس ته ڪهڙي اپرا
ڪري مونکي گرفتار ڪرين ٿو. جواب ڏنائين قلم ١٥١

اريخون بدلايون سيشن جج سان جُنهن ۾ ڪڏجي
ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي ۽ ڪيس چيم ته پوليس
ڇي داداگيري کان اوهان جو سرگذشت ڪيپي . هن مون
ڪي خاطري ڏياري ته جڏهين تنهن جو ڪو معاملو
ڪورٽ ۾ ايندو ان وقت آءٌ ڌيان رکندس . ان وقت
شري سوهن لال اگروال ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج هئو .
ان ڏينهن پوليس مونکي پاڻ گرفتار نه ڪري سگهي
ير ان بجاءِ سٽي مئجسٽريٽ کان هن قلم ۱۱۴
ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ هيٺ مونکي گرفتار ڪرڻ
جو وارنٽ پوليس هٿ ڪيو . رات جو ۸ بجي ڌاري
وڏي اڻالي سان ايس پي پاڻ مونکي گرفتار ڪرڻ
آيو . گرفتار ڪري مونکي سڌو سٽي مئجسٽريٽ جي
گهر ۾ وٺي هليا . ان وقت شري ارجنداس گجواڻي
وڪيل اجمير مان چونڊيل اسيمبلي ميمبر هئو هو ان
وقت سٽي مئجسٽريٽ جي گهر پهتو ۽ ضمانت جي
گهر ڪيائين . سٽي مئجسٽريٽ صاف چيو ته هن ۾
مٿان جو حڪم آهي آءٌ اڄ ضمانت نه ڪٽندس . سپاهي
ڪورٽ ۾ اچڻو هو اها رات مونکي صدر ڪوتوالي
تي وٺي آيا ڪوتوالي تي مون صدر ڪوتوال کي چيو
ته مون جهڙا مهمان تو وٽ هر روز ڪونه اچن انڪري
اڄ منهنجو بسترو لاڪپ ۾ ڪونه لڳندو بلڪ تنهن

مکيه منٽگمري هوم منسٽر آءِ جي سيڪي کي تار رسٽي
سوچدا ٿم ته کهڙن پوليس مونکي پريشان ڪري رهي
آهي . اُن کان پوءِ ٤٠-٥٠ پوليس وارا منهنجي گهر
کي گهيرو ڪري ويا دروازا زور زور سان کڙڪائڻ
لڳا وڪيل صاحب نيچي آئو . پڇو مان ته ڪهڙو ڪم
آئو چيائون ته توهان کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم مليل
آهي مون کين چيو ته آءٌ دروازو صبوح جو کوليندس
توهين جي کڏهين دروازو ٽوڙي مٿي اچي مونکي
گرفتار ڪرڻ جي همت رکو ٿا ته ڀليا اچو مون دروازو
نه کوليو هنن منهنجي مڪان کي ان ريت گهيرو ڪيو
چڻ ڪ ڪنهن وڏي ڊاڪو کي پڪڙڻ آيا هجن
ان ريت رات وهامي ويئي صبوح ٿينديئي مون پنهنجي
جي جن سنگهه جي سائي ڪم ڪندڙن کي فون
ڪري گهرايو انڪل ٻه سو ڪاريه ڪرتا اُن وقت جمع
ٿي ويا. آءٌ ڏهين بجي صبوح جو ڪورٽ جا ڪپڙا پائي هيٺ
لٿس ۽ سائين کي چيم ته اچ سيڪي ڪڏجي جلوس
ناهي پر ڪورٽ ۾ هلنداسين چاڪاڻ ته اچ منهنجي
گرفتاري جو ڏينهن آهي . گهڻا گهر ٽاٽي ڏانهن منهن
ڪري مون انڪار ڪيو ته هجي ڪنهن مائي جي لعل
طاقت ته اچي مونکي هينئر گرفتار ڪري پر ڪنهن
مونکي هٿ نه لاتو ڪورٽ ۾ ويچي مون ڪيسن

جج صاحب ارجنداس جي ضمانت منظور ڪئي آهي پر
ڪلاڪن اندر جهل ڪان ٻاهر اچي ڪورٽ ۾ جج
صاحب اڳيان پيش ٿيندس . هڪ ڏينهن اڳ هن سان ڪهل
ملاقات مان اهو فائدو پهتو ٢-٩-٦١ تي سٽي مئجسٽريٽ
ورت ان ڪيس جي پيشي هئي مون کي اهو انومان
هئو ته ان ڪيس ۾ سٽي مئجسٽريٽ مون کان ٻيهاري
ڪ ٻهاني انترم ضمانت گهرندو ۽ اڳتي هلي هو ضمانت
ظبط ڪندو . ان ڪري ترڪيب سان آءٌ ڪورٽ ۾
پنهن جي حاضري ڪرائي ٢٧-٩-٦١ جي تاريخ وٺي
روانو ٿي ويس .

چڙيا هٿن مان اڏامي ويئي اهو ڏسي ڪليڪٽر
جي اشاري تي وري اِي چال هلي ويئي سرڪار
طرفان ڪليڪٽر (جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ پڻ
ليکندو آهي) جي عدالت ۾ منهن جو مقدمو سٽي
مئجسٽريٽ جي ڪورٽ مان بدلي ڪري ٻئي
ڪورٽ ۾ موڪلڻ لاءِ درخواست رکي ويئي سرڪار
ان درخواست ۾ لکيو ته سرڪار کي سٽي مئجسٽريٽ
جي ڪورٽ ۾ انصاف ملڻ جي اميد نه آهي انڪري
ڪيس بدلي ڪري ٻي ڪورٽ ۾ موڪليو وڃي .
سرڪار کي پنهن جي ئي مقرر ڪيل مئجسٽريٽ جي
ايمانداري تي وشواس ڪونه رهيو .

جي آفيس ۾ ٿي لڳندو. هن گهران پلنگ ۽ بسترو
گهرائي ڏنو ۽ اُهو سندس آفيس ۾ اُها رات سمهيس. ٻئي
ڏينهن هن جي گهران منهنجي اسنان لاءِ گرم پاڻي تيل
صابڻ ٽوال وغيره آيا ڪپڙا مون گهران ٽيليفون ڪري
گهرايا ڪوتوالي اندر ٽهل شو مندر ۾ پوڄا پاٺ ڪئي
اُن کان پوءِ مونکي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. شري
ارجنداس ايم ايل اي حاضر هيو سٽي مئجسٽريٽ حڪم
ڏنو ته ڏهه هزار روپين جي ضمانت ۽ ڏهه هزار روپين
جو مچلڪو پيش ڪرڻ تي نانڪرام ايسراڻي کي
ضمانت تي ڇڏيو وڃي. شري ارجنداس گجواڻي وڪيل
پنهنجي ضمانت پيش ڪئي هو اُن وقت ايم ايل اي
هيو سندس بئنڪ کاتي ۾ اُن ڏينهن ويهه هزار روپيه
جمع هيا ڪيس جايون جڳهيون الڳ هيون ليڪن ان
هوندي به سٽي مئجسٽريٽ سندس ضمانت قبول نه
ڪئي ۽ حڪم ڪيو ته سندس حيثيت جي جانچ
تحصيلدار کان ڪرائي وڃي. ڪاغذ کڻي وڪيل
صاحب تحصيل ۾ ويو ته تحصيلدار غائب هيو
ڪليڪٽر صاحب هن کي ٻهائي ڪڍيو ته جهڙن
نانڪرام جي ضمانت نه ٿي سگهي. ٻئي ڏينهن تي
وڪيل شري ارجنداس سيشن ڪورٽ ۾ مون جي
ضمانت جي درخواست پيش ڪئي صبوح جو ١٢ بجي

اجمير جو نامي مڃيل هندو اڳوان آهي جي کڏهـن
هن کي بنا ضمانت ڇڏيو ويو ته اجمير ۾ فساد ٿـي
پوندو .

مدهنجي گرفتاري جو ورون کرڻ لاءِ پارٽيءَ جن
سنگهه طوفـان عام سڀا کرڻ جو اعلان ڪيو ويـو .
سرڪار ان سڀا کي نشقل کرڻ جي خيال کان ؟ ان
کيتر ۾ ڏهڪاءُ پيدا کرڻ جي خيال کان پوليس جي
پريڊ ڪرائي پر ماڻهو ڊنا ڪونه پاڻ وڏي تعداد ۾ ان
سڀا ۾ شامل ٿيا سرڪار پڻ ڏي ايم جي حڪم کـي
غلط سمجهي أن کـي رد کرڻ بجاءِ سڄي راجستان
جي اي ڏي ايم کـي ڪيس بدلي کرڻ جا اختيار
١٨-٩-٦١ تي ڏنا . جوڌپور هاءِ ڪورٽ ۾ مدهن جي
ڪيس جي پيشي ٢٠-٩-٦١ تي هئي سرڪار کي ان
ڪيس ۾ مدهن جي ڪانڻي پيئي آهي ٣١ ! ڏيئهن جهـل
ڪاٽي باهر آيس ان ڪيس ۾ ئي ڪورٽ ۾ پيش کرڻ
لاءِ جيل تي هڪ هيڊ ڪانسٽيبل هٿڪڙي کڻي آيو .
مونکي جيل جي آفيس ۾ گهرائي چيو ويو تـه جيل
مان ڪورٽ ۾ هـن سان گڏجي وڃ . ان تـي مون
جيلر کي چيو ته آءٌ نه ته هٿڪڙي لڳارائيندس ؟ نـه
وري جيل مان ڪورٽ تائين پيدل ويندس اهـو واد
منجهند تائين هليو آخر پوليس جيپ گهرائـي ويئي ؟

ڪليڪٽر ان درخواست کي شري نندلال ماٿر
ائڊيشنل ڪليڪٽر جي ڪورٽ ڏانهن طئه ڪرڻ لاءِ
ڏياري موڪليو. اي ڊي ايم مون ڏانهن نوٽيس ڪڍيو
۸-۹-۶۱ تي آءٌ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيس اُن ئي ڏينهن
هن بحث ٻڌو. مون ڪيس پاڻ بحث ڪيو ۽ ڪيس
چيم ته توهان کي هيءَ درخواست ٻڌڻ جو حق نه آهي
ڇاڪاڻ ته توهان کي اهڙا اختيار ئي ڪونه آهن. اي
ڊي ايم نه رڳو اهڙا ڳالهه نه مڃي بلڪ هن اهو ڪيس
پاڻ وٽ هلڻ لاءِ رکيو ۽ مونکي چيائين ته ڏهه هزار
روپين جي ضمانت عارضي طور پيش ڪر. مون
ڪيس ڪڙڪ آواز ۾ چيو ته آءٌ تنهن جو غير قانوني غلط
حڪم نه مڃيندس آءٌ وڃان ٿو جيل ڏانهن. منشي کي
ڪارو ڪوٽ ۽ ڪاغذات ڏيئي آءٌ جيل هليو ويس
عارضي ضمانت مون پيش ڪونه ڪئي. ان ڳالهه جي
سوچنا جڏهين لوڪ سڀا ممبر پڏر يسٽر اُما شنڪر
ترويدي کي پيئي ته هن منهن جي پاران راجستان هاءِ
ڪورٽ ۾ هيبس ڪارپس عريضو پيش ڪيو. ان
تي هاءِ ڪورٽ طرفان راجستان سرڪار ڏانهن نوٽيس
جاري ڪيا ويا. سرڪار جي طرفان جواب ۾ سٽي
مئجسٽريٽ اجمير شري ڪيٽپال سنگهه جو قسم نامو
پيش ٿيو جنهن ۾ هن لکيو آهي ته نانڪرام ايسراڻي

۾ ڀوپال ۾ جن سنگهه جو اجلاس ٿيو آءٌ ان ۾ ڀاڱي وٺڻ لاءِ ويو هوس ٻيو الزام اهو لڳايو ويو ته ملڪ ۾ تازو گولڊ ڪنٽرول جو قاعدو لڳايو ويو آهي جنهن خلاف نانڪرام ايسراڻي سونارن ۾ بي آرامي ڦهلائي رهيو آهي جيڪو ٺيڪ حقيقت اها هئي ته آءٌ ڪنهن به سونارن جي سڀا جو نه ميمبر هوس ۽ نه پدا ڌڪاري هوس ۽ نه وري ڪڏهن سونارن جي ڪنهن ميڙ ۾ ويو هوس. راجستان سرڪار جي گرهه سچيو ان قسم جي ڪوڙن الزامن تي ڊفينس آف انڊيا رولس هيٺ مون کي گرفتار ڪري اجمير جيل ۾ نظربند ڪري رکڻ جو حڪم جاري ڪيو. گڏو گڏ ان نيچ ڪليڪٽر کي به چيو ويو ته تون به اجمير مان روانو ٿي وڃ.

٩-١-٦٣ تي اجمير جي ڪليڪٽر پنهنجي چارج اجمير جي ائڊيشنل ڪليڪٽر کي ڏني ان ڏينهن کان پوءِ اهو اجمير جو ڪليڪٽر وري ڪنهن به عهدي تي يا ساڳئي عهدي تي اجمير ۾ واپس ڪونه آيو.

١٠ جنوري ١٩٦٣ تي مونکي گرفتار ڪري اجمير جيل ۾ اڪيلي سر Solitary Confinement ۾ رکيو ويو. اجمير جيل جي مين بلڊنگ کان ٻاهر هڪ ٻي بلڊنگ آهي جنهن ۾ ١٢ ڪمرا آهن انهن ١٢

ٻڌا هٿڪڙين جي آءٌ اُن ۾ ڪورٽ ۾ ويس. ان ريت اجمير جي پرشاسن سان مون ٽڪر کاڌو هر معاملي ۾ ڪليڪٽر کي هار کائڻي پيئي.

١٩٦٢ ۾ چين طرفان ڀارت تي حملو ڪيو ويو. اُن وقت سرڪار طرفان جوانن کي رائيفل ٽريننگ مفت ۾ ڏني ويندي هئي آءٌ به اها سکيا وٺڻ لاءِ هڪ سينٽر ۾ ڀرتي ٿيس ليڪن ڪليڪٽر جي حڪم سان مونکي رائيفل ٽريننگ سينٽر مان ڪڍيو ويو.

چين جي لڙائي وقت ڊفينس آف انڊيا رولس آزادي کان پوءِ پهريون دفعو ڀارت ۾ لڳايا ويا. انهن رولس هيٺ سرڪار کي ٻڌا مقدمي هلائي ڪنهن به ناگرڪ کي جيل ۾ بند رکڻ جا اختيار مليا دراصل اهي اختيار سرڪار طرفان ساميوادين ۽ ديش دشمنن کي دٻائڻ لاءِ پارليامينٽ کان ورتا ويا هيا نہ ڪ مون جهڙي ديش ڀڳت جن سنگهي کي بند ڪرڻ لاءِ. ليڪن اجمير جو اُن وقت جو ڪليڪٽر نيچ ٽڪو. هن پوليس ڪپتان سان ملي مونکي نظربند ڪرائڻ لاءِ ڪوڙو ڪيس تيار ڪرايو منهنجي مٿان الزام لڳايو ويو تہ آءٌ پوليس ٻل کي ڀڙڪايان پيو ان ڪم لاءِ جيڪي هٿ تاريخون لکيون هيون انهن تاريخن تي آءٌ اجمير ۾ هُئس ئي ڪونہ. انهن ڏينهن

ويو هوس اُن وقت هي ساڳيو ٿي شري هرلال چوڏري
اجمير جيل ۾ ڊپٽي جيلر هو . اجمير جيل ۾ اُن
وقت سنگهه جا چار سو سويم سيوڪ نظربند هيا . اُن
وقت جيل ۾ حالتون سٺيون نه هيون کاڌو به سٺو
ڪونه ملندو هو . روٽي ۾ اڌ جون جو اٽو ، ٢٥
سيڪڙو ڪٽڪ جو اٽو ۽ ٢٥ سيڪڙو جوئر جو اٽو ملايو
ويندو هو روٽي به اهڙي ڪچي هوندي هئي جو پيٽ
تي اڇلائڻ سان پٽ تي چنبڙي پوندي هئي سڀزي
به اهڙي پاڇين جي ڪارائيندا هئا جنهڪي پاڇيون
جانور به نه کائي . برتنن ۾ صرف هڪ لوهه جو
ڪٽورو ملندو هو پاڻي به اُن ۾ وجهه ته دال به اُن
۾ وجهه . اسنان به اُن سان ڪرڻو هو ته پاڻي به اُن مان
پيئڻو هيو . جيل ۾ اُن وقت اسين سي ڪلاس
قيدي هئاسين بئرڪن ۾ ١٢ ڪلاڪ بند ڪيو ويندو
هيو ۽ ١٢ ڪلاڪ بئرڪ جي ٻاهران حاطي ۾ ٿي
چهل پهل ڪري سگهندي هئي هي انگريز جو جيل نه
هيو پر آزاد ڀارت جو جيل هيو . جيل ۾ سڌارا آڻائڻ
جي خيال کان اسان سنگهه جي سويم سيوڪن جيل
۾ ٿي آندولن هلائڻ جو ڪاريه ڪرم اُلاهيو . جيل
پرشاسن کي تنگ ڪرڻ لاءِ اسين اڌ رات جو اُٿي
نعري بازي ڪندا هئاسين اُن ڊپٽي جيلر خلاف به
خوب نعرا لڳايا ويا هيا اُن جو بدلو جيل جي

ڪمرن ۾ آءٌ اڪيلو هوس هڪ ڪمري ۾ مهنجو نواس
هيو ته ٻين ١١ ڪمرن ۾ ڪبوتر رهندا هيا جيل جي
نيمن مطابق ڪنهن به قيدي کي سزا طور اڪيلو رکي
سگهن ٿا پــر آءٌ اڪيلي نظربندي صرف ست ڏينهن
کان وڌيڪ ڪرڻ جو اختيار جيل جي وڏي اڌڪاري
کي به ڪونه آهي پر مونکي ١٣٢ ڏينهن لڳاتار اڪيلي
ڪال ڪوٺڙي ۾ بند ڪيو ويو هوس ڇاڪاڻ ته مون
کي پرشاسنڪ اڌڪارين سبق سيکارڻ ٿي چاهيو جيئن
جيل مان ڇٽڻ کان پوءِ هنن جي ڀرشٽ ڪارنامن جي
اوگهڙ نه ڪري سگهان .

جيـــل ۾ جيڪي ٻيا قيدي مهنجي بڙڪ ۾
صفائي ڪرڻ يا سيوا ڪرڻ ايندا هيا انهن کي جيل
جي وارڊن ڪـي ۽ جيل جي سپاهين کـــي مون سان
ڳالهائڻ تي بندش پيل هئي .

ان وقت جيـل ۾ مونـکي بي ڪلاس مليل هي
انڪري مونـکي سيوا لاءِ ٻيـا قيدي ڪم ڪندڙ مليل
هيا .

مهنجي لاءِ کـاڌو الـڳ تيار ٿيندو هيـــو . ا
وقت شري هرلال چوڌري جيل سپرنٽينڊنٽ هيو .
روزانو مون سان ملڻ ايندو هيو سنه ٤٨-٤٩ ۾ جڏهن
آءٌ سنگهه تان بندش هٽائڻ لاءِ ستياگرهه ڪري جي

پڙهندو. روز شام جو آءٌ قيدين کي ۽ پهريدارن کي
رامائڻ جي ڪٿا ٻڌائيندو هوس ان ڪري هو منهنجا
سچا سيوڪ ٿي پيا انهن جي معرفت مون ٻاهرين
دنيا سان ۽ پنهنجي گهر سان سمبنڌ رکيو. هو ملهن
جون چٺيون ٽپال ۾ وجهندا هئا ۽ گهران مون کي ٽپال
لڪائي آڻي ڏيندا هئا آءٌ هر هفتي جيل مان پنهنجي
بابت خبر انهور شري ديپڪ ڪرڏوائي ڏانهن ماتر
ڀومي اخبار ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليندو هوس ۽ ان ريت
ماتر ڀومي اخبار ۾ جيل مان ملهن جون موڪليل
خبرون اچڻ لڳيون.

جيل ۾ قوت بخش کاڌو نه ملڻ سبب منهنجي
تور ٢٨ پائونڊ گهٽجي ويئي. جڏهن اخبارن ۾ اها
خبر ڇاپي ويئي تڏهن سرڪار کي چنتا ٿي ان وقت
اجمير جي سرڪاري اسپتال جي وڏي ڊاڪٽر وانچو
کي منهنجي طبيعت جي چڪاس ڪرڻ لاءِ جيل ۾
موڪليو ويو. هن منهنجي چڪاس چڱيءَ طرح
ڪئي پوءِ تيرس ۾ پنهنجي چمائين ته مسٽر ايسراڻي
اها وڏي عجب جي ڳالهه آهي ته تور هيتري گهٽجي
وئي آهي پر توکي ڪوبه روڳ نه لڳو آهي ان تي
مون کيس چيو ته اها سڀ پرڀو جي ڪرپا آهي آءٌ
هت هڪ آشرم واسي وانگر رهندو پيو آهيان جن ڪوٺين
ڪرمن ڪري روڳ لڳي ٿو اهي ڪرم ڪونه ڪريان.

سپرنٽينڊنٽ مون کان نظربندي جي عرصي ۾ ورتو .
جيل مئنئوئل مطابق جيڪي مون کي سهوليتون ملڻ
کپنديون هيون بي ڪلاس قيدي جي روپ ۾ سي
ڪونہ مليون . مهيني کاڌي لاءِ ديسي سچو گيهہ
ڪم آڻڻ کپندو هيو جو نہ آڻي ويجيٽيبل مان ڪاڙهو
تيار ڪرائي موڪليو ويندو هيو .

مون جيل ۾ سوچيو تہ جيئن ۽ جڏهن حالت ۾
سچو سائين رکي نازڪ توکي تيئن رهڻو آهي مون
جيل کي هڪ آشرم ڪري سمجهيو ڇاڪاڻ تہ جيل
۾ آشرم جي جيون ٿي آهي وقت تي صرف صبح
جو ١١ بجي ۽ شام جو ٥ بجي ٻہ ڀيرا ملندو هيو
برهمچريہ جو پالن ٿي پيٽ سان ڪيو ويو . آ
ٻيڙي سگريٽ مانس مڇي شراب ۽ انهي جهڙين شي
ڪان تہ اڳ ۾ ئي پري هوس جيل ۾ مون چانهہ پيئڻ
بہ بند ڪري ڇڏي . جيل ۾ بازاري شين کائڻ کا
بہ پري هوس . وقت تي سمهڻو هيو ۽ وقت تي اٿ
هيو . ڪنهن سان بہ ڳالهائڻو ڪونہ هيو .

جيل جي قيدين ، وارڊرن ۽ سپاهين کي مو
پنهنجو مٽر بڻايو جنهنڪري هنن کي مون سان ڳالهائڻ ڪ
بہ شوق ٿيل هئي . مون جيل ۾ ڏاڍوڪ گرنٿ پڙه
گوسائين تلسيداس جي لکيل راماڻ کي مون ٿي د

ليڪن مون سرڪار جي اها رٿ به سويڪار نه ڪئي منهنجو اهو چوڻ هيو ته مون جڏهين ڪجهه ڪيو ئي نه آهي ته آءٌ ايترو به ڇو لڪي ڏيان ته اُنهن لاءِ ڪجهه نه ڪندس.

ورِي به شري اُما شنڪر ترويدي بئرسٽر صاحب منهنجي ڪم آيو. هاءِ ڪورٽ ۾ هارائڻ کان پوءِ به هو نراش نه ٿيو. اُن وقت هو لوڪ سڀا جو ميمبر به هيو ته اُن سان گڏ لوڪ سڀا ۾ جن سنگهه دل جو اڳوان به هيو. هن پنڊت نهرو اڳيان منهنجو ڪيس پيش ڪيو ته ڊفينس آف انڊيا رولس هيٺ صرف هڪڙو ئي غير ساميوادي اڳوان جيل ۾ ڪوڙن الزامن هيٺ نظر بند آهي ڪيس ڇڏيو وڃي پنڊت جواهر لال نهرو طرفان راجستان جي مکيه منتري شري موهن لال سکاڙيا کي دهلي گهرائي ڪانگس منهنجي نظر بندي جو ڪارڻ پڇيو ويو ۽ ڪيس اها هدايت ڪئي وئي ته هو مونکي جيل مان جلد ئي آزاد ڪري. شري موهن لال سکاڙيا دهلي ۾ پردان منتري کي اها خاطري ڏياري آيو ته هو مونکي ترت رها ڪندو ليڪن ان هوندي به مون کي ڇڏڻ ۾ هن ۲۱ ڏينهن پيا به لڳايا.

منهن جي پوڙهي ڏاڏي اجمير ۾ مون سان گڏ رهندي. منهن جي نظر بندي جي عرصي ۾ هن جي

ان ڪري ٻهـــار ڪونـــه. اهو آهيان ڊاڪٽر منهنجي
جواب مان خوش ٿيو هو هدايت ڏيندي ويو ته نانڪرام
ايسراڻي کي روزانو هڪ ڇٽانگ مکڻ ۽ کير ڏيو
ڏنو وڃي . اهـي ٻنهي شهون پوء باقـي عرصي لاء
مونـکي مانديون رهيون جيل ۾ مون برهم ونهـــورت
پرارٿنا پڙهيو ۽ پنهنجو جيون - ورتـي ۽ سوچ ساتوڪ
ڪري ڇڏيو. ٻاهر جي چنتا ٻاهر وارن مٿان ۽ ڀڳوان
مٿان .

منهنجي نظر بندي جو ورو آن وقت جي ڀارتيه
جن سنگهه ڪيو . راجسٿان ۾ ۳ مارچ ۶۳ تي سوهنـي
هند ايسراڻي ڇوڙو دوس مليو ويو ۽ ايسراڻي کي آزاد
ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي . پرڌيسٽر اُمـــا شنڪر
ترويدي طرفان منهنجي رهائي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ
پٽيشن داخل ڪئي ويئي ليڪن اُن وقت هاءِ ڪورٽ
اُن کي سويڪار نـه ڪيو . راجسٿان جو ورتمان مکيه
منتري شري ڀيرو سنگهه شيخاوت ۳ دفع مـون سان
جيل ۾ ملڻ آيـو هيو . منهنجي ماتا صاحب ٻي مون
کـي آزاد ڪرائڻ لاءِ گهڻي ڊوڙ ڪندي هئـي
جئپور ۾ هوءِ رهندي ٻـي شري ڀيرو سنگهه جي گهر
هئي . جيل ۾ سرڪار طرفان مونوٽ سنديش آيو ته آءٌ
ايترو لکي ڏيان ته آءٌ آئينده ڪجهه نه ڪندس ته مونکي ڇڏيو ويندو

کان ڪنارو ڪري ويس ۽ ١٩٦٨ع جي ڏهين فيبروري
تي انڊور شهر ۾ جڏهن اکل ڀارتيه سنڌي سماج جي
اسٿاپنا ٿي ان وقت مونکي اکل ڀارتيه پرڌان ڪري
چونڊيو ويو ان ڪان پوءِ به هر دفعي مونکي اڄ ڏينهن
تائين نيڪراءِ بنا مقابلي ان عهدي لاءِ چونڊيو ويندو
آهي. سنڌي سماج جي ڪم ڪندي جيل وڃڻ جو
ڪو خطرو نه آهي . ان ڪري سنه ١٩٦٣ جي لمبي
جيل ياترا ڪان پوءِ وري مونهن جي جيل وڃڻ جو
وارو نه آيو آهي . نه ته ان ڪان اڳ هڪ عرصو اهڙو به
آيو هئو جڏهن ۾ مونکي هر مهيني ڪنهن نه ڪنهن
قلم هيٺ ڪوڙو الزام لڳائي گرفتار ڪيو ويندو هئو .
آءٌ هر موسم ۾ اجمير جيل جي ياترا ڪري چڪو
آهيان . آءٌ سمجهان ٿو ته جن سنگهه ۾ ڀنا ڀارتيه جنتا
پارٽي ۾ مون جهڙا ڪشٽ سهڻ وارا ڪم ڪندڙ ڪي
ٿورا ئي هوندا .

راجنيتڪ سڦلتائون :— مونهن جي انهن
ياتنائن سهڻ سبب ۽ ڏينهن رات ڪم ڪرڻ سبب عام
جنتا جو وشواس جن سنگهه ۾ ٻڌا آيو مونهنجي لاءِ عام
ماڻهن ۾ عزت وڌي . اجمير ۾ پرشاد ٿي پڌمچات نالي
ڪل سياسي پارٽي ڏو پهچي ويئي ان جي جڳهه تي
جن سنگهه آيو . مونهنجي اڳواڻي هيٺ جن سنگهه جي

مرتيو ٿي پئي. مون سرڪار کي درخواست ڏني ته ڏاڏي جي ڏاهه سنسڪار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مون کي پيرول تي ڇڏيو وڃي ليڪن سرڪار ان درخواست تي ڪو به جواب نه ڏنو. ڏاڏي صاحب جو ڏاهه سنسڪار ٿيو. پڳڙيون ٿيون ٻارهو ٿي ويو ليڪن سرڪار مون کي پيرول تي ڪونه ڇڏيو. پر جڏهن مکيه منتري موهن لال سکاڙيا کي پرڌان منتري وٽان منهنجي نظربندي بابت دٻ نڪتي ۽ هو مون کي ترت ڇڏڻ جو واعدو ڪري آيو تڏهن به پنهنجي شان مٿي رکڻ لاءِ هن مون کي مهن جي ڏاڏي جي مرتيو کان مهينو به پوءِ ڏاڏي جي مرتيو جي بهاني پيرول تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڪيو ليڪن هي پيرول اهڙو هو جنهن ۾ قيدي جي واپس جيل موٽڻ جي تاريخ ڏني ڪونه هئي ۽ معيادي پيرول ١٩٦٣ کان اڳ ان پيو هلي. ان ريت اجمير جيل مان مون کي ١٣٢ ڏينهن جي نظربندي کان پوءِ ٢١ مئي ١٩٦٣ تي ڇڏيو ويو.

جيل ۾ مون کي اهو اندر جو آواز مليو ته جيل جيون جا ڪشٽ پرالبڌ جي ڪري نانڪ جهڙي توڪي پوڳڻا لکيل هئا سي تو پوڳيا هندُ ونديڪ ڪارڪار جو ڪشٽ تون ڪونه ڏسندين. اهو اندر جو آواز سچو نڪتو. سنه ١٩٦٧ع ۾ آءٌ راجنيتي

١٩٦٢ جي اسيمبلي چونڊ لاءِ اجمير اولهه تڪ جڏهن ه
سنڌي ورن جي گهٽائي آهي مون ٽڪيٽ گهري
ليڪن مونکي ٽڪيٽ نه ڏني ويئي . هڪ اهڙي
شخص کي ٽڪيٽ ڏني ويئي جنهن جي ڪٽڻ جي
اميد ئي ڪونه هئي . ڪانگريس جو ڪمزور اميدوار
ه هن کان ڪٽي ويو . جن سنڌين اهـا سمت ان سال
مهنجي همت سان پاڻ وچائي پر ايسراڻي کي ڪٽڻ
جا منصوبا ضرور ڪامياب ويا . جي ڪڏهين ايسراڻي
ـي ان سال ٽڪيٽ ملي ها ته آءٌ ضرور ڪامياب ٿيا
ٿيا ۽ اڄ شري لال ڪرشڻ اڏواڻي سان گڏ راشٽريه
ائن ۾ هڪ هجان ها . ان کـان پوءِ سنه ١٩٦٧ ۾
ون جن سنڌين کان وري ٻيو دفع سنڌين جي گهٽائي
اري تڪ مـان اسيمبلي جي چونڊ اُرڻ لاءِ ٽڪيٽ
هري ليڪن ٻيو دفع به مونکي ٽڪيٽ ڪونه ڏنـي
ويئي . لڳاتار ٢ دفع ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ جڏهين
ڪاميابي نـه ملي تڏهن منهن جي دل راڄنيتي مان
ٽي ٿـي پيئي مون اهو محسوس ڪيو ته شايد منهن
جو راڄنيتڪ وڪاس ايشور کي منظور نه آهي ۽ هـو
ونکان ٻيو ڪم ٿـو ڪرائڻ چاهي ۽ ٿيو بـه ائين
راڄنيتي مان هٽڻ کان پوءِ آءٌ سنڌي سماج جي ڪيتر
ڪم ڪرڻ لـڳي ويس .

۽ سنڌين جي هڪ مضبوط اڳواڻي قائم ٿي آهي جنهن
لاءِ جيل ياترا ڪاٽي ٻاهر آيس اُن کان ترت پوءِ
آگسٽ ١٩٦٣ ۾ اجمير ٻار ائسوسيئيشن ۾ مون کي
سيڪريٽري چونڊيو ويو ان پد تي آءٌ ٢ سال رهيس .
سنہ ١٩٦٣ جي ڊسمبر مهيني ۾ ميونسپل ڪائونسل
اجمير جون چونڊون ٿيون . انهن چونڊن ۾ آءٌ وارڊ
ست موتي ڪٽلا درگاهه بزار مان جن سنگهه جي اميدوار
جي ناتي بيٺو هوس . جنتا جي مرضي هئي ناڪرام
ڪٽي ۾ ڪانگريس سرڪار طرفان پوري ڪوشش ورتي
ويئي خوب پئسو هليو ، شراب هليو ، ستا جو دُرُپيوگ
ڪيو ويو ان هوندي به ماڻهن ووٽ وجائي مون کي
ووٽ ڏنا . منهنجي وارڊ جي پولنگ تي لڳاتار
حشام ماڻهن جا پولنگ ڏسڻ پئي آيا جنهن پولنگ
پوري ٿي تنهن جنتا ۾ ايڏو اتساهه هيو جو مون کي
ڪلهن تي ويهاري بزار ۾ گهمايائون . منهنجي وارڊ
۾ سڀ کان وڌيڪ سيڪڙو پولنگ ٿي هئي سنگهه ل
وارڊن ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ کٽي آءٌ ان چونڊ ۾
ڪامياب ٿيس پر منهن جي ڪاميابي ڪن سڄڻن کي
سٺي نہ لڳي ڪانگريسي ۽ منهن جي پارٽي جي ڪ
مسهو اڳوان منهنجا پير ڪٽڻ جو ڪم شروع ڪيو
اهو ڪم ١٩٦٣ کان اڳ ١٩٦٢ ۾ ئي شروع ٿيو هيو س

ماڻهو جيڪي ڪانگريس جي ڪشاسن مان بيزار ٿي
چڪا هيا انهن کي سٺو بدلو مليو . اسان عام جنتا
جي دلين ۾ ته پيار حاصل ڪيو ئي پر گڏوگڏ پرشاسڪ
اڌڪارين وٽان به عزت ملي . اجمير ۾ عام ماڻهن جي
تڪليفن کي دور ڪرائڻ لاءِ لڳل پڳل روزانو آءٌ
اڌڪارين سان ملندو هوس هڪ ڪليڪٽر جي ڪڏهن
مونکي تڪليفون ڏنيون پر ٻين ڪليڪٽرن مونکي
مان ڏنو . انهن جي سهڪار سان اسين عام ماڻهن جون
تڪليفون دور ڪرائيندا هئاسين . جن سنگهه وٽ نه
ته هيو پئسو ۽ نه وري ايترا ڪم ڪندڙ جيترا توهين
اڄ ڏسو ٿا. اڪيلي سر چپراسي ڪان وٺي اوچ اڌڪاري
تائين سڀ ڪم پاڻ کي ڪرڻو پوندو هيو نه هئي
ڪاڏي جي سڌ نه ته ڪمائي جي لالچ .

شري جوالا پرساد شرما جڏهين ميونسپل چيئرمين
هيو تڏهين هن ٢ بلون پڌي لڳايون هڪڙي رٽ
هئي اجمير ياتري ڪر کي ڏهه پئسن مان وڌائي هڪ
روپيه ڪرڻ ۽ ٻي رٽ هئي تــه لائوڊ اسپيڪر ڪم
آڻڻ لاءِ ميونسپل کي چار روپيه بل ڏيئي ڪـــ ائڏن
اجازت ورتي وڃي. مون ان رٽن جو زبردست ورڌ
ڪيو. شهر ۾ صحيحون گڏ ڪرڻ جي هلچل هلائي هزارين صحيحون
گـــڏ ڪري ڪليڪٽر وٽ پهچايون ويئون ان وقت

راجنيتڪ ڪيتر ۾ ڪم ڪندڙ هر هڪ ڪاريه-
ڪرتا کي هڪ ايلا کا ڳڻي ڏي . اکين آڏو هڪ چٽر
ڳڻي ڏو منهنجي اڳيان به ان قسم جو چٽر هئو ليڪن
پيدي جي من ۾ هڪڙي ۽ صاحب جي من ۾ ٻي وارو
حساب ڏيو . ان ڪري پندي کي صاحب جي اڇا جو
انومان لڳائي ان انوسار هلڻ کپي . منهن جي ڳاڏي
جي پٺن جو ڪانٽو ڦري ويو . راجنيتي جي پٺن تان
ڳاڏي هٽي ويئي . اڄ ان ڳالهه کي پورا ٽيهه سال ٿيا
وري مونکي راجنيتي ۾ اپرٽ جو موقع نه مليو .

جيتوڻيڪ راجنيتي ۾ مونکي ڪو وڏو پد نه
مليو پر ان هوندي به من کي اهو سنتوش آهي ته جنهن
آدرش کي کڻي اسين راجنيتي ۾ آياسين اُن آدرش کي
حاصل ڪرڻ ۾ آءُ ۽ مون جهڙا انيڪ اسنيه ڪاريه-
ڪرتا سڦل ٿياسين پارٽيءَ جن سنگهه هاٿوڪي پارٽيءَ
جنتا پارٽي جو محل مون جهڙن انيڪ ڪاريه ڪرتائن
جي ڪلهن تي بيٺل آهي اسين پارٽي جا بنيادي پٿر
آهيون . پل اسان کي ڪو ليکي يا نه ليکي پر اها
حقيقت آهي ته مون جهڙن ڪم ڪندڙن لڳن سان
ايمانداري سان سچائي سان ڪنهن ڪرتا سان ۽ اوچ چريتر
سان جيڪو ڪم ڪيو اُن سان عام ماڻهن جي دلين ۾
پارٽيءَ جن سنگهه لاءِ پريم سنمان ۽ عزت پيدا ٿي . عام

سنڌي ڪئمپ ۾

راڄنيتي سان گڏو گڏ آءٌ سنڌي ڪئمپ ۾ به ڪم ڪرڻ ۾ اڳرو هوس. اکل ڀارتيه سنڌي سماج جي استاپنا کان اڳ مهنجي شري ڪرانتي ڪر ڀالاڻي ۽ ديپڪ ڪوڏوالڻي جي ترمورتي هئي جن سڀني جي هر اجلاس ۾ اسين الڳ سنڌي ڪم ڪندڙن جو سمهلن به ڪندا هئاسين جتي جن سڀني جي ڪهڻ نـه ڪهڻ وڏي نيتا کي گهرائيندا هئاسين.

سنڌي ٻولي کي ڀارت جي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ شمار نه ڪري سنڌين سان وڏي بي انصافي ڪئي ويئي هئي ان کي دور ڪرائڻ لاءِ سن 1957 ۾ شري اٽل بهاري باجپئي کان ڀارت جي جوڙجڪ ۾ درستي جو بل پيش ڪرايو هئوسين جڏهن ان بل تي بحث ٿيڻ جو وارو آيو تڏهن دادا جئرامداس دولترام صلاح ڏني ته بحث نه ڪريو بل ڪري پوندو. اسان سندس صلاح مڃي. سن 1962 کان پوءِ شري اٽل بهاري باجپئي راڄيه سڀا جو ميمبر ٿيو هـن کـان ٻيو دفعو راڄيه سڀا ۾ جوڙجڪ جي درستي جو بل پيش ڪرايوسين. هن دفعي به جڏهن باجپئي جو بل نمبر تي اچڻ وارو هو تڏهن ٻيو دفعو وري به دادا جئرامداس بل واپس وٺڻ جي صلاح ڏني. ٽيون دفعو لوڪ سڀا

شري ڪيم چند اجمير جو ڪليڪٽر هيو هن مون کي وشواس ڏياريو ته هيٺري وروڌ ڪانيوره به جي ڪڏهن ميونسپل پرستاءُ پاس ڪندي ته آءٌ اهو رد ڪري ڇڏيندس . اها ڳالهه سنه ١٩٥٨ جي آهي .

پنهنجي شهر جي وروڌ ۾ مون سڀني لائوڊ اسپيڪر وارن جو سنگٺن ڪيو ۽ ڪيترن ڏهاڙن ۾ وروڌ سڀائون ڪيون. ان جو اثر اهو ٿيو جو شري جوالا پرساد ميونسپل چيئرمين اسان جي پرچار جو جواب ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ لٿو پر هن کي عام ميڙ ڪرڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر نه رڳو اجمير بلڪ نصيرآباد کان گهرائي ڪيڪڙي ۽ بياور مان به ڪونه مليو آخر هو جهڪيو ۽ هن پنهنجي شهر ميونسپل جي ميڙ جي ايجنڊا تان واپس ورتا . اڄ ڏينهن سوڌو ڪنڊيل چاليهه سالن ۾ اهو ٽيڪس ڪونه لڳائي وئي آهي. انو مان لڳايو ته ڪيترا لک روپيه جنتا جا ان مان اسان بچايا هوندا .

ياتري ڪر لڳائڻ لاءِ جڏهن شري ديودت شرما چيئرمين هيو تڏهن وري ڪوشش ڪئي وئي ان وقت آءٌ پاڻ نه رڳو ميونسپل ميمبر هوس پر وروڌي دل جو اڳوان هوس . مونکي ١٦ ميمبرن جي پٺ هئي . شري ديودت پڻ اهو ٺهراءُ واپس ورتو .

ڪـي ايتري قدر مــدد ڪئي جـــو بنـــا ڪنهن
گولي هلائڻ جي پنج هزار چورس ڪلو ميٽر ڀـومي
مٿان ڀارت جـي سينا کي قبضو مليو . جن هندن سينا
جي مدد ڪئـي انهن کي سينا طرفان لڏايـــو ويو .
راجسٿـــان ۾ هندن لاءِ اٺ ڪئمپـــون ۽ گجرات ۾ ٢
ڪئمپون کوليون ويئون هيون . لڙائي بند ٿيڻ کان
پوءِ انهن هندن جي حالت خراب ٿي ويئي انهن جـو
تعداد هڪ لـک کـان به مٿي هيو . ٢٤ جولاءِ ٧٢ تي
دهلي جـي وديش منترالهه جي اڌڪارين سان اسان
جي ڳنڍجاڻي ٿي جنهن سرڪار اهو قبول ڪيو ته انهن
هندن کي ڀارت مان هڪالهو نه ويندو ۽ ڪنهن ڀـارت ۾
وري وسائبو . ان کان پوءِ سيپٽمبر ٧٢ ۾ مون ۽ منهن
جي ساٿين انهن ڪئمپن جو دورو ڪري روبرو حالتون
ڏسي شريمتي اندرا گانڌي جي سرڪار کـــي رپورٽ
موڪلي هئي جنهنجي آڌار تي انهن ڪئمپن جـــي
حالت سڌارڻ لاءِ ڀارت سرڪار هڪدم ڏهه لک روپيه
ڏياري موڪليا . سنه ١٩٧٧ع مورارجي ديسائي ڀائي
جـي اڳوانـــي هيٺ جڏهن جنتا سرڪار ٺهي تڏهن
انهن شرڻارٿين کي بنا ڪنهن جانچ جي ناگرڪتا وٺي
ڏني . وري جڏهن شريمتي اندرا گانڌي جي سرڪار
ٺهي تڏهن شرڻارٿين جي اٺ هزار پريوارن کي پوري

۾ ساڳيو ئي بل بئريسٽر اما شنڪر ترويدي کان پيش ڪرايوسين اُن وقت به دادا جئرامداس جي ساڳي صلاح هئي ليڪن اسان هن دفع دادا جئرامداس کي چيو ته هيئنئر توهين اسان جي صلاح مڃيو توهين شريمتي اندرا گانڌي ۽ ٻين کي مڃايو اسين ٿا عام ماڻهن وٽ وڃون اها ڳالهه هن قبول ڪئي اسان جي ترمورتي هر شهر ۾ ويئي سنڌين کان خط لکائڻ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ تارون ڪرائڻ جو ڪم اسان ڪيو . بئريسٽر ترويدي سان سرڪار جون ڳالهيون هليون اُن ۾ اسين بئريسٽر ترويدي جا صلاحڪار هئاسين . ان بل تي ٦ نومبر ٦٦ تي لوڪسڀا ۾ بحث هلندي بئريسٽر ترويدي کي خاطري ڏني ويئي ته توهين غير سرڪاري بل واپس وٺو اسين ان جي بجاءِ هڪ هفتي اندر اهو سرڪاري بل جي روپ ۾ پيش ڪنداسين . بئريسٽر ترويدي بل واپس ورتو . اُن کان پوءِ سرڪاري بل پيش ٿيو ۽ يڪراءِ پاس ٿيو . ١٠-٤-٦٧ تي راشٽرپتي جي بحالي کان پوءِ اهو بل عمل ۾ آيو .

هڪ لک سنڌين کي ناگرڪتا :— سنه ١٩٧١ ۾ پاڪستان ڀارت مٿان حملو ڪيو . ٿرپارڪر سنڌ ۾ ڀارت جي فوج گهڙي ويئي ۽ وڃي ميرپور خاص جي ويجهو پهتي ٿر جي هندن ڀارت جي سهارا

سکيا منتري للت ڪشور چترويدي آيل هئو . هو
مهن جو پراڻو مِتر هيو مون پنهن جي صدارتي تقرير ۾
ڪيس اپيل ڪئي ته سنڌي ٻولي جي وڪاس لاءِ
ڪجهه ڪري . هن پنهن جي اُدگهاٽن ڀاشڻ ۾ راجستان
سنڌي اڪادمي جي استاپنا جي گهوشڻا ڪئي سمهلن
کان پوءِ مون هن جي پنهن پيروي ڪري اها
اڪادمي شروع ڪرائي . سنڌين لاءِ اها هڪ وڏي
حاصلات هئي ان سمهلن کان اڳ ڪٿي به سنڌين طرفان
اڪادمي کولائڻ لاءِ ڪابه گهر ڪيل ڪونه هئي .
راجستان ۾ سنڌي اڪادمي کلڻ کان پوءِ ٻين هنڌ به
ان قسم جون سنڌي اڪادميون کولڻ لاءِ ڪوششون
هلئون هن وقت تائين گجرات ، مهاراشٽر ، مڌيه پرديش
اُتر پرديش ۽ دهلي ۾ راجستان کان پوءِ سنڌي
اڪادمين جي استاپنا ٿي آهي ڪيندر سرڪار پڻ
راشٽريه سنڌي وڪاس پرِيشد جي استاپنا ڪئي
آهي .

ڀليل پيئرن کي راهه آڻڻ :— اسان جي
سماسٽا طرفان ڪيترن ئي ڀليل پيئرن کي غير سنڌي
۽ وڏيري بدمعاشن جي چنگل مان ڇڏايو ويو . ان
ڪم ڪندي اسان جي ڪيترن ڪم ڪندڙن کي ڌڪ
به لڳا هوندا مقدما به هليا . آءٌ سنڌي سماج جي ڪم

ريت وڌي وسائڻ جو ڪم اسان طرفان ڏنل رٿن جي آڌار تي ڪيو ويو . اها اسان جي ننڍي سنسٿا جي هڪ وڏي ڪاميابي هئي . جڏهن سڄي ڀارت جا ڀيا سڀ سنڌي پنهنجي ڌنڌن ۽ مشغولين ۾ مست هيا تڏهين اسين پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي پنهنجا ڌنڌا ڦٽائي پنهنجي هڪ لک ڀائرن کي ڀاڻ کان بہ وڌيڪ سکي ڪرڻ جـــي ڪم ۾ لڳي وياسين ۽ ان ڪم ۾ سڦلتا حاصل ڪئي .

سنڌي پڙهائي جو ماڌيم :— اجمير جڏهن الڳہ راڄ هيو تڏهين اجمير ۾ هاء اسڪول تائين سنڌي اسڪولن ۾ پڙهائي جو ماڌيم سنڌي هيـــو ليڪن سنہ ١٩٥٦ ۾ اجمير کي راجستان سان ملايو ويو . راجستان سرڪار اسڪولن ۾ سنڌي ماڌيم رستي پڙهائـــي بند ڪئي . ان خلاف اسڪولن جي بانيڪارن سان ملي سنگهرش ڪيو ويو ۽ ڏهہ سالن جي لڳاتار سنگهرش کان پوءِ راجستان سرڪار طرفان سنڌي ماڌيم رستي پڙهائي وري بحال ڪئي ويئي جا اڄ ڏينهن تائين چالو آهي .

سنڌي اڪاڊمي جي استاپنا :— اسان جي سنسٿا ڀاران جئپور ۾ آتون اکل ڀارتيہ سنڌي سميلن ڪرايو هيو ان جو مهورت ڪرڻ لاءِ ان وقت جـــي

ممبئي ۾ هڪ سمنڊ مونکي ۽ ديپڪ کوڏواڻي کي
تاج محل هوٽـل ۾ چانهه پيئارڻ وٺي ويو هئو . اُتي
کا اُن وقت هڪ سنڌي ڇوڪري جي شادي مسلمان
سان ٿـي هئي اُن جي رسيپشن پارٽي هئي اسانجي
تاج محل هوٽـل ۾ پهچڻ کان اڳ کين فون تي اطلاح
کيائين جلدي پهچو نه ته ايسراڻي ۽ کوڏواڻي ايڏانهن
اچن پيا توهان جي اها شادي ٿيڻ نه ڏيندا . اها خبر
ٻڌندي ئي هو اُمالڪ هوٽل مان ئي نکري ويا اسان
جي هوٽل ۾ پهچڻ تي هن اهو ويهنگ پارٽي جـو
نوٽيس پڙهايو ۽ اهو به ٻڌايائين ته کيئن توهان جي
خبر ٻڌائي کين ڀڄائي کيڻم .

پوني مان شري ٻيرومل جگتياڻي ڇوکرين کي
ڀڄائڻ جي سمسيا جو حل ڳولهڻ لاء پوني اچڻ جي
اپيل کئي اُن تار پٺيان آءٌ پوني ويس ۽ اُن کانپوء
هر سال پوني وڃڻ ٿيندو آهي .

ممبئي ۾ هڪ ٻيما ايڪاري جي ڏيءُ پنهنجي
ڊرائيـور سان ڀڄي احمدآباد آئي هئي اُن ڇوڪري
کي کيڻ لاء لڙائي به ٿـي نيٺ ڇوڪري همٿ
کري مائٽن کي ڏني ويئي جن هنجي شادي بڙودي
۾ کرائي .

هڪ مسلمان ٺارنگي وارو هڪ دلت ورگ جي

ڪندڙن جي مقدمي ۾ پيروي ڪرڻ لاءِ بهار جي
جهريا شهر جي ڪورٽن ۾ ويو هوس ۽ ست ڏينهن
لڳاتار اُن ڪيس جي پٺيان رهي پيس .

هڪ برهمڻ ڪنيا جا نرس جي نوڪري
ڪندي هُئي اُن کي هڪ پادري پنهن جي چنگل ۾
ڦاسايو هيو . ان ڪنيا جي ماتا مون وٽ شڪايت
کڻي آئي پڇريائين ته ان پادري جي ٺڳائي ڪئي
ويئي وري هن خلاف ٻي شانتي ڀنگ ڪرڻ جو
مقدمو به هلايو ويو ڪيس اهو به ڏڙڪو ڏنو ويو ته
جي ڪڏهن هو ان ٻالڪا جو پيڇو نه ڇڏيندو ته
ڀيانڪر نتيجي لاءِ تيار ٿئي . هوڏانهن ڇوڪري کي
به سمجهائي سندس شادي اُجهن ڪرائي ويئي .

اجمير پوسٽ آفيس ۾ هڪ اڌڪاري جون ٢
ڪنيائون ممبئي ۾ نوڪري ڪنديون هيون . مون
مون وٽ ممبئي مان تار آئي ته ٻئي ڇوڪريون
مسلمان ڇوڪرن جي چڪر ۾ ڦاٿيون آهن سندس پتا
کي ڳولهي مون ممبئي موڪليو. هو ٻيهي ٻئي ڏينهن
کي ممبئي مان اجمير واپس وٺي آيو . اُنهن کي
سمجهائي هت تان لاهي سندن شادي ڪوٽا ۾ ڪرائي
ويئي .

اسانجي فسادي ڪان ٻي ڪيترا ماڻهو ٻچلدا هئا

ڇوڪري پڙهائي ويو اها ڇوڪري صرف ٻن ڪلاڪن
۾ هٿ ڪئي جئپور جي هڪ ڇوڪري کي سکر ۾
اي ڊي ايم جي ٻنگلي مان هٿ ڪيو .

متفرقه ڪم :— اسان جي سنستا طرفان ٻيا
ڪيترائي ڪم سنڌين جي ڀلي لاءِ ۽ آن مان جي
ڪِما لاءِ ڪيا ويا آهن آڪاشوائي ۽ دوردرشن تان
ڪاريه ڪرم چالو ڪرائڻ ۾ ٻين سان گڏ اسان جو به
يوگدان رهيو آهي . جي گڏهين آڳ سڀ ڪمن جو
ورتن ڪئلنڊس تي پستڪ وڏي ويندو سنڌ جا نقشا
ڇپارائي ورهائڻ گهرن ۾ سنڌ جا چتر لڳارائڻ ٻارن
مٿان سنڌو نالو رکڻ جي پرٿا چالو ڪرائڻ هندو ڀومي
جا چتر ڇپارائي ورهائڻ سنڌ سمرتي ڏينهن ١٤ آگسٽ
تي ملهائڻ جي پرٿا شروع ڪرڻ . سنڌوپتي مهاراجا
داهرسين کي اتهاس جي پنن مان ڳوڄ ڪري عام اڳيان
راشٽريه مهاپرش جي روپ ۾ کڙو ڪرڻ سنڌوپتي
مهاراجا داهرسين تي سنڌي ۽ هندي ۾ نه رڳو ڪتاب
لکي ڇپارايا ويا بلڪ سنڌوپتي جو هڪ چتر تيار
ڪرائي ان کي هزارن جي تعداد ۾ ورهايو ويو .
داهرسين جو شهيدي ڏينهن جون مهيني ۾ ملهائڻ جي
پرٿا شروع ڪرائڻ جهڙا انيڪ ڪم ڪيا . ان جو
نتيجو به نڪتو ڪيترن هنڌ سنڌوپتي راجا داهرسين

هندو عورت کي اجمير جي ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ لاءِ وٺي آيو. مونکي ان ڳالهه جي خبر پئي ته اوڏانهن ڊوڙي ويس ان ٽانگي واري کي ڇڪي ٽانگي مان هيٺ لاهي مار ڏيئي ڀڄائي ڇڏيو ۽ ڇوڪري کي پوليس جي معرفت ناري شالا ۾ ڀرتي ڪرائي پوءِ سندس مائٽن کي اطلاع ڪيو.

ايس ٽي سي اسڪول ۾ پڙهندڙ ٣ سنڌي هندو ڇوڪريون مسلمان هم ڪلاسي ڇوڪرن جي چڪر ۾ اچي ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ آيون مونکي سوچنا ملي ان وقت کين بچايو ويو ۽ پوءِ سندن گهرن ۾ سندن مائٽن کي ڏيڙن جا ڪرتوت ٻڌائي کين بچايو ويو.

بالي جي هڪ راجپوت ڇوڪري طرفان هڪ مسلمان سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪورٽ ۾ مئريج آفيسر کي درخواست ڏني ويئي هئي جن جي مائٽن کي همت ڪري اها شادي روڪائي ويئي.

ان ريت انيڪ بالڪائن جو اڌار ڪيو ويو جنهن سڀ جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪري نه سگهيو آهي سڀ جواني جا قصا آهن پر هن وقت به هن عمر ۾ به مونکي خبر پوي ٿي. پوءِ هڪدم مدد ان ۾ ٽپي پوندو آهيان اجمير ۾ درگاهه جي هڪ خادم هڪ سنڌي جي

جنهن کي به تڪليفون اچن ٿيون اُنهن کي دور ڪرائڻ جي سيوا جي ڪاريه ۾ اسين اڳرا آهيون .

آءُ جي ڪڏهين انهن جوان ته ڀارت ۾ هن وقت اکل ڀارتيه سنڌي سماج رجسٽرڊ اجمير ئي هڪ اهڙي سنسٿا آهي جنهن سنڌين کي وقت به وقت ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اڳيان آئي اچي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو . برهانپور ، ڌوراجي ، گونڊا ، انجور ، اڪولا ، احمدآباد ۽ ٻين شهرن ۾ جتي به فساد ٿيا آهن ۽ سنڌين کي جان ۽ مال جو نقصان پهتو آتي آءُ توڙي اسان جا ٻيا ساٿي ڪم ڪندڙ سڀ کان پهريائين پهچندا آهن . جنهن کي سهڪوگ ۽ سهائتا اسان کان ٿي سگهي ٿي اسين ڏکي ڀائرن جي سيوا ڪريون ٿا سنڌين ڳلن تان ڳوڙها اگهون ٿا . آءُ توڙي اسان جا ٻيا ساٿي ڪم ڪندڙ اخبار ۾ لکيون پڙهايون ۽ مشهوري ڪرائڻ کان پري آهن اڪري اسانجي ڪم جي پوري ڄاڻ سماج کي صحيح طريقي سان ڪونه ملي آهي سنڌين ۾ به ڪي سڄڻ پرشس جي ٻل تي سماج جي اڳواڻي ڪرڻ چاهين ٿا ليڪن آهي پاڻ کي صرف مالهائون پارائڻ ۽ سواگت ڪرائڻ تائين سيمت آهن پر هو اسان جهان سماج سيوا جا ڪم نه ڪري سگهندا . اسان طرفان سيوا جو ڪم سدا چالو آهي .

جي سمرتيءَ ۾ ٻيون ٺهيا آهن . اجمير سڀي وشو ۾ پهريون شهر آهي جتي نگر وڪاس نياس طرفان سرڪاري خرچ تي سنڌوپتي راجا ڏاهرسين سمارڪ ٺهيو آهي . سنڌي ڀاشا جي واڌاري ۽ وڪاس لاءِ انيڪ ڪم ڪيا آهن . سنڌين ۾ جاڳرتي آڻڻ ۽ سنڌيت جي ڀاونا پيدا ڪرڻ لاءِ آءٌ پاڻ سال ۾ لڳ ڀڳ چار مهينا ٻاهر دورا ڪندو آهيان اسان جي سنسٿا جا ٻيا ساٿي پڻ دورن تي ويندا آهن .

اکل ڀارتيه سنڌي سميلن :— هي پستڪ لکڻ تائين هن بندي کي ١٥ دفع يڪراءِ بنا مقابلي اکل ڀارتيه سنڌي سماج جو پرڌان پڻ چونڊيو ويو آهي هن وقت تائين اکل ڀارتيه سنڌي سماج طرفان ١٥ اکل ڀارتيه سنڌي سميلن ڪوٺايا ويا آهن جن جي صدارت پڻ هن بندي ڪئي آهي ۽ سماج کي وقت به وقت مارگ درشن پڻ ڏنو آهي . تاز و ڀارت جي پرڌان منتري سان ملاقات ڪري هن اڳيان سنڌي سماج طرفان ٣٥ گهرو ن رکيون ويئون اڄ به جيڪي سنڌي هندو سنڌ مان پڪي ريت ڀارت ۾ رهڻ لاءِ اچن ٿا اُنهن کي مدد ڪرڻ جو ڪم اسان جي سنسٿا هن بندي جي رهنمائي هيٺ ڪري ٿي سنڌين کي ناگرڪتا حاصل ڪرڻ يا ويزا ملڻ ۾ يا هٿ ڌنڌي ڪرڻ ۾

ڪاٻه يونين ڪولنڊ ڪان اڳ ۾ مون سان صلاح مصلحت
ڪرائيندا هئا وڏان مونکان تيار ڪرائيندا هئا . آءٌ
سنڌ ۾ اها سيوا نسوارٿ ڀاو سان ٻڌا پنهنجو وقت جي
ڪندو هوس .

پترڪارتا جڳت

سرسوتي ماتا جي ڪرپا مون مٿان ننڍي هوندي
کان ئي پئي رهي آهي ودياري جهون ۾ ساهتڪ وشين
تي آءٌ ليک لکندو هوس جي اخبارن ۾ ڇپبندا هئا
ڪتابن پڙهڻ جو به مونکي زبردست شوق هئو .
جيڪب آباد شهر ۾ سنڌ ۾ ميونسپل لئبرري ۾ رکيل
سڀئي ڪتاب مون پڙهيا . آءٌ سنگهه جي شاخا ۾
ويندو هوس . اُن وقت ڊاڪٽر ناراڻ ساميتاڻي
جيڪب آباد ۾ سنگهه جو پرچارڪ هئو . ١٥ آگسٽ
١٩٤٧ع ۾ سنگهه جي سهيوگ سان انگريزي ساپتاهڪ
اخبار آرگنائيزر چالو ٿي ؟ اُن جون ڪاپيون
جيڪب آباد ۾ پهچيون هيون . سنگهه جي ڪاريالي
۾ ڊاڪٽر ناراڻ ساميتاڻي صرف اها اِڇا ڏيکاري ته
ڇو ڪين سنڌي ڀاشا ۾ هن جهڙي سنڌي اخبار ڪڍجي.
سندس ان اِڇا کي مورت روپ ڏيڻ لاءِ مون سڀ ڪم
ڪئي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ وٽ ڊڪليئريشن ڏنئي
مون هڪ هفتي اندر آرگنائيزر جهڙي سنڌي اخبار ”وشو

مزدور کيتر ۾

جوانيءَ ۾ آءٌ ڪم ڪرڻ ۾ تيز هوس ان ڪري
راڄنيتي کان سواءِ ٻين کيترن ۾ مون ڪم
ڪيو آهي انهن مان مزدور کيتر پڻ هڪ آهي . هن
وقت ديش ۾ ڀارتيه مزدور سنگهه هڪ وڏي راشٽريه
مزدور سنسٿا آهي جنهن جو واسطو سنگهه پريوار سان آهي
ان سنسٿا جي استاپن ڪرڻ وارن ، ان جو وڌان پاس
ڪري انکي وجود ۾ آڻڻ وارن شخصن مان هي بندو
به هڪ آهي مون اجمير ۾ انيڪ مزدور يونينس ڪڙيون
ڪيون . بيڙي مزدور سنگهه ، گوٽا مزدور سنگهه ،
تانگا چالڪ سنگهه ، بجلي ڪرمچاري سنگهه ، ماڌيمڪ
سکيا بورڊ ڪرمچاري سنگهه وغيره کي استاپت ڪرائڻ
وارن شخصن ۾ هي بندو به هڪ هيو . هي بندو راجستان
پرديش ڀارتيه مزدور سنگهه جو پهريون مها منتري ٿي
رهيو آهي . اجمير سٽي پاور هائوس يونين (راجستان
اليڪٽريسٽي بورڊ جي يونٽ کان اڳ) جو آءٌ لڳاتار ٽي
سال پرڌان هوس ان عرصي اندر ٻه هڙتال ڪرائڻ جي
مون سندن ڪيتريون گهرون ڪمپني کان سويڪار
ڪرائي ڏنيون هيون . راجستان ماڌيمڪ سکيا بورڊ
ڪرمچاري سنگهه جو آءٌ لڳاتار ١٢ سال اڌيڪش ٿي
رهيو آهيان ڪو وقت هيو جڏهن اجمير ۾ مزدور ساٿي

نڪرڻ پٺيان سان گڏ جيڪب آباد مان حيدرآباد سنڌ ۾
پهتاسين . اسان جو ڪاڪو شري ٽانورداس حيدرآباد
ريلوي اسٽيشن تي ڪم ڪندو هيو . هن صلاح ڏني
حيدرآباد ۾ سامان جي تلاشي ۾ گهڻي سختي آهي ان
ڪري اهين بهتر ٿيندو ته اسين ميرپور خاص مان نڪرين
۽ ويهون اتي تلاشي جي سختي گهٽ هئي. ڪاڪي
اسانکي اتان اڌ مال ڪاڍي ۽ ويهاري ميرپور خاص
روانو ڪيو ميرپور خاص ۾ لڏي اينديون هندن لاءِ سيٺ
وطنمل طرفان ڪئمپ لڳل هئي جتي اسان کي چار
ڏينهن انتظار ڪرڻو پيو جڏهن ڏيڍهن ڪانپوءِ ريل جون
ٽڪيٽون مليون سگهه سان مارواڙ جنڪشن تي پهچي
اسان جوڌپور مهاراجا طرفان لڳايل ڪئمپ ۾ رهياسين
صرف ان لاءِ ته جيئن اسين اڳتي دماغ سان سوچيون
ته ڪٿي وڃڻو آهي . اسين پريوارن کي مارواڙ
جنڪشن تي ڇڏي پهريائين اڄمير وياسين پر جيئن
ته اڄمير اسانجي ڪرم ڀومي نه ٿي هئي انڪري
اسين پهرين پائر آڱه شري اتم چند واپس مارواڙ
جنڪشن تي آياسين اتي اڄمير جي بيماري ۾ سماچار
مليو ته اڄمير مان مسلمان لڏين پيا انڪري مڪان به
ملندا ته اتي ريلوي ۾ نوڪري به ملي سگهندي .
اسين سگهوئي ريل رستي اڄمير پهتاسين اهو ڏينهن ١١

"گرو" جي نالي سان جيڪب آباد مان آگسٽ ٤٧ جي
پڇاڙيءَ ڌاري شروع ڪئي هفتي ۾ اٺ صفحا اخبار
پاڪن کي پسند آئي ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اُن اخبار
جا چار سو گراهڪ سنڌ ۾ ٿي ويا . پاڪستان ٺهڻ
کان پوءِ پهرين پائين سنگهه جو ويچار سنڌ مان لڏڻ جو
نه هيو بلڪ سنڌ ۾ رهي مقابلي ڪرڻ جو هيو ان لاءِ
سنڌ ۾ سنگهه طرفان سويم سيوڪن کي بندوقبازي
ڪرڻ بم ٺاهڻ وغيره جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي
ويئي ليڪن قدرت کي ڪجھ ٻيو منظور هيو اتفاق
سان بم ٺاهيندي ڪراچي ۾ هڪ بم ڦاٽي پيو ان لاءِ
ڪانپ ۾ ڪراچي ۾ ٢٤ سنگهه جا ڪم ڪندڙ اڳوان
گرفتار ڪيا ويا نه رڳو ايترو پر پاڪستان سرڪار سڄي
سنڌ ۾ سنگهه جي ڪم ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ جا
حڪم جاري ڪيا جنهن لاءِ پوليس طرفان لسٽون
ٺاهيون ويئون . سنگهه جا اڌڪاري وقت جي نزاڪت
کي سمجهي ويا ۽ محسوس ڪيائون ته سرڪار سان
ان حالت ۾ ٽڪر کائڻ نه سگهبو ۽ نه وري ڀارت
سرڪار ڪا مدد ڪندي انڪري نيتي ڦيرائي آديش
ڏنائون ته سنگهه جا ڪم ڪندڙ خاص ڪري پداڌڪاري
هڪدم ڀارت لڏي وڃن . سنگهه جي ان آديش مطابق
آءٌ ٻه پنهنجي ڀائرن ۽ ماتا پتا سرڏو شري آتم چند ۽

اندور مان سنڌي ۾ ماترڀومي هفتيوار اخبار ڪڍي
هئي اُنهن سان گڏ ماترڀومي کي ان هنڌان ڇپڻ جو
نشچو ڪيو ويو . سن ۱۹۵۸ ۾ ماترڀومي اخبار کي
اجمير ۽ اندور مان ڇپڻ شروع ڪيو ويو . اجمير
سنسڪرڻ جو سمپادڪ آءٌ هوس سن ۱۹۵۸ کان سن
۱۹۶۵ تائين هفتيوار اخبار ان ريت چالو رهي اُن کان
پوءِ مون سنڌي ۾ ڀارت ڀومي روزاني اخبار چالو ڪئي
جا سن ۱۹۶۷ تائين مون هلائي اُن جي پرسار سنکيا
۾ سٺي ڏي ليڪن اخبار ۾ لڳاتار گهاٽو رهڻ سبب
اخبار شري نيڪمداس ٽڪهاڻي کي وڪي جا هو
اڄان تائين هلائي رهيو آهي .

جنوري ۱۹۶۸ ۾ مون هندو ڀومي ساپتاهڪ نالي
سان نئي سنڌي اخبار چالو ڪئي جا اڄ ڏينهن تائين
چالو آهي اندور ۾ ماترڀومي اخبار مٿان سرڪاري
بندش پئڻ سبب مون اجمير وارو سڄو ٽائيٽل
شري ديپڪ ڪوڏواڻي کي ڏنو ۽ پوءِ ماترڀومي جيان
هندو ڀومي اجمير ۽ اندور مان هڪ ئي وقت نڪرڻ
لڳي .

ان ريت پترڪارتا جي کيتر ۾ مون ۵۰ سالن کان
مٿي پورا ڪيا آهن . سنڌين ۾ جيوت پترڪارن ۾ آءٌ سڀ
کان وڏيڪ آزمودگار پترڪار آهيان جنهن کي سنڌي ،

آڪٽوبر ١٩٤٧ع هيو .

اجمير ريلوي اسٽيشن تي سنگهه جا سويم سيوڪ اسانجي سواڳت ۽ سيوا لاءِ بيٺا هئا . اسان کي ريلوي اسٽيشن تي پهريائين پوڄن ڪرايو ويو ۽ پوءِ سوني ڌرمشالا ۾ رهايائون . صبوح جو مڪان ڏيکارڻ لاءِ وٺي هليا . ڪلاڪ ٽـاور پوليس اسٽيشن ويجهو هڪ پنج ڪمرن جو مڪان خالي هيو پوليس انجا تالا ٽوڙائي قبضو ڏنو . ان مڪان ۾ آءٌ ١٧ سال رهيو هوس . ان ريت اجمير منهنجي ڪرم ڀومي ٿي .

اجمير ۾ پهريائين آءٌ راشٽريه اخبارن جو لوڪل عيوضي ٿيس . مون دهلي مان نڪرندڙ روزاني هندي اخبار وير ارجن کي اينڪ ورهين تائين سماچار موڪليا سماچار ڪيئي دفعه پهرئين صفحي تي پرمک طريقي سان به ڇپيا انکان سواءِ هندي دئنڪ نو ڀارت ٽـائيمس انگريزي دئنڪ ٽائيمس آف انڊيا انگريزي سپتاهڪ آرگنائيزر هنـدي سپتاهڪ پانچجنيه ۽ هندوستان سماچار سمتـي لاءِ مڪاني عيوضي ٿي ڪم ڪيو . انهيءَ کانسواءِ آءٌ اخبارن کـي ليک موڪليندو هوس اهي به ديش جي پرمک اخبارن ۾ ڇپيا ويا .

انڊور مان شري ڪرانتي ڪرپالاڻـي ۽ شري ديپڪ ڪوڏواڻي منهنجا جن سنگهه جا ساٿي هئا انهن

ڀارت جي راشٽريه ڀرشن مان هڪ آهي هن کي اتهاس
جي پنن مان ڳولهي راشٽريه ڀرشن جيان ڀارت ۾ سلمان
ڀرايت ڪرائنٽ لاءِ هن جي جيوني تي مون سنڌي
توڙي هندي ڀاشائن ۾ ڪتاب لکيو هن جو چتر تيار
ڪرايو هزارن جي تعداد ۾ هن جا چتر ورهايا ويا ۽
هيٺئين نگر وڪاس نياس طرفان هن جو دائما سمارڪ
ٺهرايو ويو آهي . هن ڪتاب جو ٻه ڀيرون ڇاپو پورو
ٿي چڪو آهي ٻيو ڇاپو جلد تيار ڪرايو ويندو .

آءٌ اکل ڀارتيه سنڌي سماج جو گذريل ڏهه سالن
کان پرڌان آهيان شروع ۾ ان جو نالو اکل ڀارتيه سنڌو
سيوا سنگهه هو . ان سنسٿا جي ڪم ۽ اڌيشن تي
روشني وجهڻ لاءِ مون ڪتاب لکيو ” سنڌو سيوا
سنگهه “ (مقصد ۽ ڪاريه)

ڀڳوان مهاوير ۲۴ تيرٿنڪر جي جيون ۽ سکيائن
تي مون هڪ ڪتاب سنڌي ۾ لکيو آهي ” ڀڳوان
مهاوير “ غزل گيتا - ۴۰ دوهن ۾ گيتا گيان جو نچوڙ
ڏنو ويو . ڀارت جي ليکڪن جي هڪ وڏي سنسٿا
آهي آل رس ڪلب آف انڊيا . آءٌ ان جو ميمبر آهيان ۽ ٻه
سال انجي راشٽريه ڪارو بار ڪاميٽي جو ميمبر
رهيس .

آءٌ راجستان سنڌي اڪادمي جو ۳ سال ۱۹۹۱

هندي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ پترڪارتا جو انڀو
آهي .

ساهتيڪ ڪيترو :- ليک لکڻ جو ڪم مون سنڌ ۾ ئي شروع ڪري ڇڏيو هيو . ڀارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ ٻه- مون الڳ الڳ وشين تي سنڌي ، هندي ۽ انگريزي ڀاشائن ۾ ليک لکيا آهن جي ديش جي وڏين ۽ راشٽريه اخبارن ۾ پڻ ڇپيا سنه ١٩٦٣ کان آءٌ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽي جو لڳاتار ١٩٧٠ تائين ميمبر ٿي رهيو آهيان سڀ کان پهريون ڪتاب مون سنڌي ۾ لکيو جنهن جو نالو آهي " رسائل ذاهن راهي ڀارت جو هندو " ان جو هندي ڇاپو به مون لکيو آهي جنهن جو نالو آهي " هندو اُٿان ايوم پتن ڪا وشليشڻ " ان پستڪ ۾ ڀارت ۾ هندن جي ذوالت ڇو ٿي ان جي ڪارڻن تي روشني وجهي ۽ هندن جو وري اُٿان ڪيئن ٿيندو ان جا رستا ٻڌايا ويا . اهو ڪتاب راشٽريه استر جو آهي سنگهه جي گرو گولولڪر صاحب ان نسبت هڪ پتر موڪليو هيو جنهن کي مون پستڪ ۾ ڇاپيو آهي . هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو خلاص ٿي چڪو آهي ٻيو ڇاپو جلد ڇاپيو ويندو .

سنڌ جو امر سينائي سنڌو پتي مهاراجا داهرسين

نگريزي ۾ هڪ ڪهاڻي به لکي ان جڏهن ڪي
هلي جي هڪ پرڪاشڪ خط لکي موڪلڻ لکارايو
هو .

سنگهه سان ناتو

راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه سان منهن جو ناتو
ع کان ٥٦ سال اڳ ١٩٤٢ ۾ سنڌ ۾ جڙيو . ان وقت
ري فتحچند گوساڻي نالي هڪ نئون وديارٿي
يدرآباد مان آيو سندس پتا ريلوي ۾ ڪرمچاري
هو سندس بدلي جيڪب آباد ۾ ٿي هئي ان ڪري
و جيڪب آباد ۾ پڙهڻ آيو هو . هو مونسان گڏ
اڳي بينچ تي ويهندو هو اسان جي پاٺ ۾ متر ٿيا
ي هو حيدرآباد جو سويم سيوڪ هو ۽ جيڪب آباد
شاخا لڳائڻ شروع ڪئي جنهن ۾ مون جهڙا ڪافي
ديارٿي اچڻ لڳا ان کان پوءِ اسان وٽ ڊاڪٽر
رائڻ سامتاڻي جيڪو هن وقت وارڌا ۾ رهندو
هي سو پهريون سنگهه جو پرچارڪ ٿي آيو . شري
تحچند گوساڻي سان اڄ به منهن جي متر ٿا آهي هو
ن وقت جبلپور ممبئي ۾ رهي ٿو .

سنگهه ۾ مون ١٣ سال سنه ٤٢ کان سنه ٥٤ تائين
ڳي الڳ ذميواريون نڀائيندي ڪم ڪيو آهي سنگهه
ڪشڻ ورگ جو ٽن سالن جو ڪورس مون ١٩٥٤ ۾ پورو

کان ۱۹۹۴ تائين ڇپيل هوس ان عرصي ۾ مون سڌو
ڪم ڪيو . آءٌ اڪيلو پارٽيءَ سان گڏ پريشد جي چئرم
پرانت جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ اجهو ۾ پنجن
آهيان . مون هڪ ٽيڪسٽ جلد ۾ هندي ۾ ۽ سنڌي ۾
ڪويتائون لکڻ شروع ڪيون آهن . ۾ ڪويتا
سنگره هندي توڙي سنڌي ۾ سنديش ڀاڱو ۱، سنديش
ڀاڱو ۲ ڇپجي چڪيون آهن سن ۱۹۹۴ ۾ ڀارت جي
پراچين اتهاس ۾ کوج ڪري مون هڪ پستڪ سنڌي
۾ ۽ هندي ۾ لکيو سنڌو مان هندو .

آنڪان پوءِ سنڌ جي سرمور سنت ڪوي شاهه
عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي جيون تي سن ۱۹۹۷ ۾
سنڌي ۽ هندي ڀاشائن ۾ لکي ڇپارايو آهي "شاهه جي
رچنائن ۾ هندو درشن جو درشن ."

هيٺئين هي ڪتاب پڙهڻ جي جيون سان سنڌي لکو
الم واڳ سچ ... جي وس ، هندي ۾ به ان پستڪ
جو نالو "ڪنڊليءَ" ان ريت جيون جي پوئين پهر
پرڀو جي ڪرپا سان اڄان تائين سڀ ڪرم اندريون
ڪم ڪن ٿيون پهر ڪلن اا ۽ هٿ لکي ٿو . پر ڀ
ڪرپا رهي ته اڄان به وڌيڪ سنڌ ڀاڱا به ڪتاب اڪندس
ڪويتائون لکڻ جو ڪم به چالو آهي . انگريزي
هڪ ڪويتا سنڌين جي سڀاڳ بابت لکي الم

هيون .

سنگهه تان بندش هٽائڻ لاءِ آءٌ به گرفتاري ڏيڻ خاطر هڪ جٿو سوين سنگتين جو وٺي ستياگرهه لاءِ 13 ڊسمبر 1948ع تي جلوس ڪڍي نڪتس مون کي ۽ ٻين سوين سنگتين کي ڪچهري روڊ تي گرفتار ڪيو ويو . اُن وقت جيل ۾ عدالت لڳندي هئي سمري ٽرائيل ڪري مون کي 15 مهينا سخت پورهئي سان جيل جي سزا ملي . اجمير جيل ۾ آءٌ ٻئرڪ نمبر 18 جو پرمکهه هوس جيل ۾ هڪ مهينو 16 ڏينهن رهيس 29 جنوري 1949 تي مون کي اجمير جيل مان رات جو 12 بجي ڇڏيو ويو اُن جو ذڪر آءٌ مٿي ڪري چڪو آهيان . اُن ڪانپوءِ سنگهه مٿان پهل بندش هٽائي وئي .

سن 1951 ۾ گرو گولوالڪر جو ايڪونجاهون جنم ڏينهن سنگهه طرفان زوردار نموني ۾ ملهايو ويو هيو اُن وقت ملهل ذميواري پوري ڪئي اُن جي ٻئي سال سن 1952 ۾ گئو هتيا بند ڪرائڻ لاءِ سنگهه طرفان ڪروڙن ۾ صحيون گڏ ڪرائڻ جو آندولن هلايو ويو مون ان ۾ به اڳرو ڀاڱو ورتو .

سن 1975 ۾ امرجنسي وقت شريمتي اندرا گانڌي جي سرڪار سنگهه مٿان ٻيو دفعو بندش لڳائي

کيو ۷ جولاءِ تي مونکي اجمير جي سنگهه جي ڪم وڌائڻ جي ذميواري ڏني ويئي . ۱۳ سالن تائين سن ۱۹۶۷ تائين مون اها ذميواري سنڀالي . اُن ڪانپوءِ اڄ سنڌي سماج جي ڪيترن ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان جيڪو جيئون جي انتم گهڙي تائين چالو رهندو . سنگهه جو سر سنگهه چالڪ گرو گولولڪر جي منهن جي مٿان خاص ڪرپا هئي هو مونکي شخصي طور سڃاڻندو به هيو ته ياد به ڪندو هيو .

سن ۱۹۴۸ع ۾ مهاتما گانڌي جي هتيا کان پوءِ ڀارت سرڪار راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه مٿان پابندي لڳائي هئي ان پابندي جي عرصي ۾ اسين لڪل ريت شاخائون لڳائيندا هئاسين ڪيترا استانن تي پاٺ ۾ گڏبا هئاسين اجمير شهر جي چوڌاري جهنگي به پهاڙ آهن انهن تي چڙهڻ جو موقعو سنگهه مٿان پيل بندش جي ڏينهن ۾ مليو . ان آزمودي پٺيان هڪ ليکڪ سنڌي ، هندي ۽ انگريزي اخبارن ۾ اجمير جو سڌر جي سري هيٺ لکيو جو ديش جي انيڪ پرچه اخبارن ۾ اُن وقت ڇپيو هيو. سنگهه جي ڪن اڳڪارين اسانجي گهر ۾ سويم سيوڪن جون ڪيترن بنڌڪون به ورتيون هيون شري ايڪ ناٿ رانادي شري مادوراءِ ملي جهڙيون هستيون اسان جي غريب خاني ۾ اُن ڀاڃي پڌاريون

ليڪن ته جهڙا ڪم جي ذميواري مون مٿان رکـــي
ويئي آهي اُن کي آءٌ ڪهڙُن به ڪري پورو ڪريان .
اهڙي ڪم ڪندڙ کي جڏهن ماڻهو پاڳل چون تڏهن
سمجهڻ کپي ته هي سٺو ڪم ڪندڙ آهي . جهڙا به
سال سنگهه جي اندر مون جواني جي شروعاتي عرصي ۾
ڪم ڪيو پاڳلن جيان ڪم ڪيو . صبوح جو ۴ بجي
اٿي نتهه جي ڪاريه ڪرم کان فارغ ٿي آءٌ پاٺ پڙهن
سويم سيوڪن کي اٿارڻ ويندو هوس شاخا لڳائيندو
هوس ڪبڏي راند جو سٺو کيڏاري هوس ۽ ان ڪبڏي
ڪبڏي جي راند ۾ سن ۱۹۵۴ جــي نومبر مهيني ۾
مڌپرديش ساڄي ٽنگ جون ٻئي هڏيون ٽٽي پيئون
هيون . ڇهه مهينا مون کي بستري تي داخل ٿيڻو پيو
هيو . ان عرصي اندر سنگهه جــي سويم سيوڪن مون
جي خوب سيوا ڪئي جنهن جــي آءٌ جيتري ساراهه
ڪريان اوتري ٿوري آهي .

هندو اڳوان جي ذاتي پهچان :— سنگهه

سان ذاتو هڻڻ ڪري ۽ ڀارتهه جي سنگهه هڪ هندن
جي ڀلي ڪرڻ واري سنسٿا هئڻ ڪري مون جـي
پهچان پرديش ڀول تي هڪ هندو اڳوان جي ذاتـــي
هئي . هندن جي ڀلي جـي خلاف ڪٿي ڪو به ڪم
ٿيندو هو ته اسين اُتي هڪدم پهچي ويندا هئاسين .

۽ گرفتارين جي ڌوم مچائي ڏني پر جڏهن ته آءٌ ان
وقت اڪيلو پارٽيءَ سنڌي سماج جو پرڌان هوس ۽ سي آءِ
ڊي ۾ منهنجي فائيل بند ٿي چڪي هئي ان ڪري
امرجنسي وقت مونکي گرفتار ڪونه ڪيو ويو هو.
انهيءَ بجاءِ اجمير ۾ سنياگره ڪندي پيا ٻي طرح
جهڙڪي ٻه سنگهه جا سويم سيوڪ گرفتار ڪيا ويا هيا
انهن سڀني جا مقدما مون لڙيا ۽ چڱيءَ طرح لڙيا
سرڪار کي يا مئجسٽريٽ کي من ماني ڪرڻ ڪونه
ڏني.

ان کان سواءِ سنگهه جي ڪاريه ڪرم مطابق آءٌ
اجمير کان ڪنڊوا تائين الڳ الڳ شهرن ۾ ويس جتي
۾ سويم سيوڪن سان ملي سندن اتساهه وڌايو ۽ سندن
گهرن ۾ به همت افزائي ڪئي.

جيتوڻيڪ هن وقت آءٌ روزانو شاکا ۾ ڪونه
ويندو آهيان پر سنگهه سان ناتو ڪونه ٽوڙيو اٿم. اڄ
به آءٌ فخر سان چوندو آهيان ته آءٌ سنگهه جو سويم
سيوڪ آهيان منهنجي مٿان سنگهه جا گهرا سنسڪار
آهن.

سنگهه جو سنستاپڪ ڊاڪٽر هيڊگوار چوندو هو
ته سٺو ڪم ڪندڙ اهو جيڪو پاڻ کي پرچي وڃي نه
ڪاڏي جي خبر نه پوڻ ڏي ڇڏڻا. صرف هڪ ٿي

سائيڪل جي دُرگهٽنا ٿي جڏهن ۾ آءٌ وڃي پري
ڪريس مغز ۾ ڌڪو لڳو بيهوش ٿي پيس ڳالهائڻ
بند ٿي ويو . مُنهن جو متر جڏهن موٽر سائيڪل تي
هلائي اُن کي ڪوبه ڌڪ نه لڳو . هو ڊوڙي وڃي
سوڀالا پوليس چونڪي تي رپورٽ ڪري آيو .
پوليس هڪدم اچي ويئي ۽ مونکي هڪ اڪي ۾
چاڙهي سوائي مانسنگھ اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايائون ڪڏو
ڪڏ پرديش جي سنگھ ڪارياله ۾ به سوچنا ڏني ويئي
اُن تي شري ڀيرو سنگھ شيخاوت ۽ شري ستيش چندر
اگروال جي اُن وقت ڀيٽي ايم ايل اي هئا ترت اچي
اسپتال پهتا انڪري ڊاڪٽرن ڌيان سان مُنهن جو علاج
ڪري مونکي بچائي ورتو شڪر اهو هيو جو دُرگهٽنا
ڏينهن جو ٣ بجي ٿي هئي انڪري هر هڪ ڳالهه
جي پيروي ترت ٿي ويئي ڪيچ ڪيڙي ۾ ڪٽڻا
ٻاقي هيا نه ته مغز جي چوٽ مان بچڻ مشڪل هو
ٻوءِ پرڀوءَ کي مونکان انيڪ ڪم ڪرائڻا هيا ان
ڪري مونکي سنسار ۾ واپس ڏياري موڪليائين هڪ
هفتي اندر مُنهن جي ڳالهائڻ جي شڪتي به واپس
موٽي آئي ۽ اسپتال مان به موڪل ملي ويئي . اوهان
کي پرڀو ڪريا جو چمتڪار ڏسڻو هجي ته مُنهن جي
متي تي هٿ لڳائي ڏسندا ته توهان کي مغز جي

اجمير ۾ سمپردائڪ دنگو انگريزن جي حڪومت ۾ ١٩٢٣ع ۾ ٿيو هيو. اُن کانپوءِ ملڪ جي ورهاڱي کانپوءِ ٢٧ آگسٽ ١٩٤٧ تي ۽ ٥ ۽ ١٣ ڊسمبر ١٩٤٧ تي ٿيو هيو. اُن کانپوءِ سن ١٩٥٨ ۾ ٿيو هيو اُن دنگي ۾ ٢٣ هندو ۽ ١٥ مسلمان گرفتار ڪيا ويا هيا. مون سڀني هندن جي ضمانت ڪرائي مسلمانن کان اول ڪين جيل مان ٻاهر آندو. اڳتي هلي ڪليڪٽر کي سمجهائي آهي ڪيس سرڪار کي واپس وٺڻ لاءِ لکيو ويو. سن ١٩٥٨ کانپوءِ اجمير ۾ وري سمپردائڪ دنگو ڪونه ٿيو آهي.

سن ١٩٦١ ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ منهنجي گرفتاري خلاف پيش ڪيل ياچڪا جي جواب ۾ سرڪار طرفان اجمير جي سٽي مئجسٽريٽ طرفان قسم نامو داخل ٿيو هيو جنهن ۾ اهو لکيو ويو هيو ته نانڪرام ايسراڻي اجمير جو هڪ مڃيل هندو اڳوان آهي. تقرير ۽ تحرير ۽ سمپرڪ رستي هندوتو ۽ سنڌيت جو آءُ شيدائي آهيان هڪ ٻڌا پکهار پرچارڪ آهي.

موت کان بچي نڪتس:— سن ٩١٦١ جي آگسٽ مهيني ۾ آءُ ڪنهن ڪم سانگي هڪ مِتر سان گڏجي موٽر سائيڪل تي جنيور ٿي ويس. جنيور جي ٻاهران هڪ سوڪلا جو نالو آهي ان نالي ۾ موٽر

جو تعداد سنڌو هندُن سڀ ميونسپل جي وائيس
چيئرمين شپ سنڌين کي ملندي رهي ۽ ڪيترن
اهميت ڀريل ڪاميٽين جا چيئرمين پڻ سنڌي آهن.
سن ١٩٩٠ جي چونڊن جي نتيجي کان پوءِ مون اخبار
۾ زبردست چرچا ڪئي ته جو نتيجو اهو نڪتو جو
سنڌين کي وائيس چيئرمين شپ ١٩٩٠ ۾ ته ملي
ليڪن سن ١٩٩٥ جي ميونسپل چونڊن ۾ وري ته
صرف پنج سنڌي ميمبر چونڊجي آيا ليڪن هن دفع
ڪين نه ته وائيس چيئرمين شپ ملي ۽ نه ئي ڪي
ڪاميٽيون ئي مليون آهن سن ١٩٩٥ ۾ گهٽ ۾ گهٽ
٥ ٻيا اهڙا وارڊ هيا جتان پارٽي ٽڪيٽ ملڻ تي
سنڌي ميمبر ٿي اچي سگهن ها ليڪن بي جي پي
توڙي ڪانگريس ٻنهي پارٽين طرفان انهن وارڊن ۾
غير سنڌين کي ٽڪيٽون ڏنيون ويون .

اسيمبلي سيٽ کٽڻ جي ڪوشش

ناڪام :— راجستان ودان سڀا ۾ ڪل ٻه سو سيٽون
آهن انهن ٻه سو سيٽن مان اجمير شهر جي ٻن ٽڪن
مان اولهه ٽڪ ۾ سنڌي ووٽرن جو وڏو تعداد انڪري
جن سنگهه، هاڻي ڀاجپا توڙي ڪانگريس طرفان
صرف اها هڪ ٽڪيٽ سنڌي کي ڏني ويندي آهي
ٻين هنڌ اول ته هو ٽڪيٽ ڏين ڪونه پر جي ٽڪيٽ

کوپڙي ۾ لڳل چوٽ واري هنڌ هڪ کنڊو نظر ايندو ان ڏورڳهٽنا کان اڳ سنه ۱۹۵۴ ۾ سنگهه جي شاخا ۾ ڪٻڏي راند ڪندي مونهن جي ساڄي ٽنگ جون ٻئي هڏيون ٽٽي پيون ليڪن يوڳ ڪريا سان اهي ٻئي هڏيون اهڙي ريت جڙيل آهن جو مونکي گهمڻ ڦرڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿئي بلڪ ڪنهن کي اها سمجهه به ڪانه پوندي ته مونهن جي ٽنگ جون هڏيون جڙيل آهن .

سنڌين ۾ سڄاڳي جي کمي :—

سنڌين جو ڌيـان صرف هڪ طرف آهي گهڻي ۾ گهڻو پئسو اسين ڪيئن ڪمايون ٻي ڪابه راجنيتڪ سڄاڳي نه آهي . اجمير ۾ سنڌين جي آبادي ۲۵ سيڪڙو آهي ميونسپل ۾ سنڌي ۲۵ سيڪڙو ميونسپل ميمبر ٿيندا هئا راجنيتي ۾ سنڌين جي ووٽن کي اها ڳالهه اکين ۾ کٽڪندي هئي سنڌين جا وارڊ ڪٽڻ جـا موقع ڳولهيندا هئا . اڄ جيسين اجمير جي راجنيتي ۾ سرگرم هوس تيسين ڪنهن کي به ميونسپل وارڊن سان هٿ چراند ڪرڻ ڪونه ڏني ليڪن سنه ۱۹۹۰ جي ميونسپل چونڊن ۾ اهـا هٿ چراند ٿي ۽ پئي ميونسپل ۾ ۱۵ بجاءِ صرف پنج سنڌي چونڊجي آيا . سنه ۱۹۹۰ کان اڳ جيڪي به چونڊون ٿيون هيون انهن ۾ ميمبرن

سنگهه جو سيڪريٽري هئو اُن کي به، اسين ڪيڏانهن جو مرض لڳو هئو هن پڻ ڪانگريس جهڙي چٽي لکي هئي . ڪميشن طرفان جنهن ۾ رڳو اُن بابت روبرو بحث ٿيڻ لاءِ جنهن ۾ بندش رکي ويئي . مونکي جڏهن مٿين ڄاڻ ملي تڏهن مون پڻ اڪل پارٽيءَ سنڌي سماج طرفان ڪميشن کي خط لکيو ۽ ڪميشن جي اصولڪي رٿ جي پٺڀرائي ڪئي جنهن جـــي بندش لاءِ آئون به ويس . جڏهن اجمير جو وارو آيـو تڏهن مون ڪميشن کي وينتي ڪئي ته اجمير مان آيل سڀ اعتراض پڙهي ٻڌايا وڃن ان تي ڪانگريس ۽ جن سنگهه جا ليڊر پڙهي ٻڌايا ويا . ان تي مـــون پنهنجي تقرير ۾ ڪميشن کي اپيل ڪئي ته اســـ سو سيٽن ۾ صرف هڪ سيٽ ئي سنڌين کي ملي ٿي آهي به انهي پارٽيون کسڻ گهرون چاهين ان ڪري انهن پارٽين جي اعتراضن کي رد ڪري ڪميشن جي مول پرستاءَ کي بحال ڪيو وڃي .

اُن وقت ڪميشن جو چيئرمن جسٽس ڪپور هئو . هو حيدرآباد سنڌ ۾ سيشن جج ٿي رهيو هئو . هن جي سنڌين سان همدردي به هئي ان ڪري هـــن اجمير اولهه کي جنرل ۽ اوڀر کي سرڪشت سيٽ ڪري گهوشت ڪيو.

ڪٽي ڏين ۽ ته جاتيوار جي پيلڪر مرض سبب سنڌي
کو اتان ڪٽي نه سگهي ڪڏهين اتفاق جـي
ڳالهه ئي آهي .

سنه ١٩٧٧ جـي چونڊن کان اڳـــه وڏان مطابق
سرڪار طرفان تڪن جي نئي سر ورواهست ڪرڻ جي
خيال کـــان هڪ ڊي لميٽيشن ڪميشن Delimitation
Commission مقرر ڪئي ويئي هئي ان ڪميشن طرفان
هڪ رٿ آئي تـــه اجمير شهر جي اوپر تڪ جنهن ۾
شيڊولڊ ڪاسٽ جاتين جا ووٽ جهجها آهن انڪري
اُن تڪ کي رزرو ڪئي وڃي ۽ اجمير اولهه تڪ کي
جنـرل سيٽ جيئن آهـــي تيئن رکيو وڃي ڪميشن
طرفان ان رٿ لاءِ اعتراض گهرايا ويا .

ڪانـگريس طرفان ان رٿ کي بدلائڻ لاءِ رٿ
ڏني ويئي تـه اجمير اولهه تڪ مان سنڌين جي گهڻائي
وارا وارڊ ڪڍي اوپـر تڪ ۾ جوڙيا وڃن ۽ اوپر تڪ
مان ڪولهين جـــا تڪ اولهه ۾ ملايا وڃن جيئن اولهه
تڪ رزرو ٿئي ۽ اوپر تڪ جنرل ٿئي چاڪاڻ تـه
ڪانـگريسين کي ڊپ هيو تـه اولهه جنرل سيٽ هئڻ
تي هميشه سنڌي بيهو ڪندو ۽ اوپر رزرو سيٽ هئڻ
ڪري اتان پنهنجي پيل جاتي جو ميمبر ٿيندو سو اسين
کڻندا ۽ وينداسين . اُن وقت جيڪو اجمير ۾ جـــن

سانگي لڳ ڀڳ ٣ مهينا سال ۾ آءٌ پرواس ڪندو آهيان.

اوڀر ۾ بهار تائين اتر ۾ پنجاب تائين ڏکڻ ۾ ڪرناٽڪ ۽ تامل ناڊو جي ڪن شهرن ۾ آءٌ ويو آهيان اولهه ۾ گجرات ۽ مهاراشٽر ۾ ته آءٌ ويندو ئي رهندو آهيان .

سنگٺن سنڌو آهي ۽ سنڌين ۾ سنگٺن ليٽ ڪهي اها ڳالهه هر ڪو چاهي ٿو ليڪن سنگٺن ڪيئن ڪڙو ٿيندو اُن جي ڪلپنا اڄان ڪن کي نه آهي سنگٺن جو نئون سروپ اسان اکل ڀارتيه سنڌي سماج جي روپ ۾ ڪڙو ڪيو آهي سنگٺن ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ ٿهاڳي تپسوي ڪم ڪندڙ ڪهن جهڪي ڪهر ٻار ڇڏي جو ڳين وانگيان ڪهر ڪهر ۾ وڃي الک جڳائين . مونکي چا ملندو آءٌ ڇا بڻجندس اُنجي چنتا نه ڪري نڪري ڀڄون مندان ۾ تنڌهين سنگٺن کڙو ٿي سگهندو آهي ان جو مثال ڀارت ۾ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جي هلائيندڙ پرچارڪن جو آهي هنڌو سارو وشال هندو سنگٺن کڙي ڪرڻ پنهان انيڪ پرچارڪن پنهن جي جيون جو سڀ سک ڇڏيو ڪهر ڇڏيو گرهست جيون جو موهه ڇڏيو ڀوڳ ولاس ڇڏيو تنڌهين اڄ وڏي سنگهه کي سڦلتا ملي آهي . اخبارن ۾ بيان بازي ڪرڻ فوٽو ڇپارائڻ يا بلغاري تقريرون ڪرڻ سان سنڌين جو

هينئر توهين پاڻ انومان لڳايو ته جي ڪڏهين اکل ڀارتيه سنڌي سماج طرفان اهڙن سڀاڳن نه ٿيون ها ته شايد راجستان جي اڪيلي سيٺ ۾ سنڌين جي هٿ مان نڪري وڃي ها .

هينئر سنڌين جي هٿ مان مهاراشٽر جو سنڌو (الهاس) نـگر به نڪري رهيو آهي اتي پهريون دفع ميونسپل ڪارپوريشن ۾ غير سنڌي ميئر ٿيو آهي .

ياترائون :— سن ١٩٦٠ جي دشڪ ۾ مـون کي جيل ۾ ڪيترائـي دفع وڃڻو ان ڪري سيـوا ويڪ مون سان ماڻهن جـي همدردي پيدا ٿـي جنهن هڪ چٽڪلي کي جنم ڏنو . ڪن ڀڳتن ڀڳوان شنڪر کـي پرارٿنا ڪئي ته ڇو هن بي گناهه بندي کي وري وري جيل ۾ ٿو بند ڪرائين . هي ڀڳوان هي تنهنجو ڀڳت آهي هن جا گناهه معاف ڪر کيس جيل کان مڪتي ڏيار . ڀڳوان شنڪر ڀولو ڀنڊاري ڀڳتن جي پـرارٿنا ٻڌي پرسن ٿيو يڪدم وڌاتا کي گهرائي حڪم ڪيائين ته هن جي ڀاڳيه ۾ جيل جي جه ڪاٿي ان جي استان تي ر لـک . وڌاتـا حڪم جي پالنا ڪئي منهنجي ڀاڳيه مان جيل نڪري ويو ۽ ان جي جڳهه تي ريـل لکجي ويئي . ان ڪري پوءِ نڪليون وڏيون ياترائون ڪريان اٽڪل ٽيهه سالن کان سنڌي سماج جي ڪم

...ٺو ڪجهه ٻرائي سگهن ٿا . ڪجهه وقت اڳ مون هڪ
ڪو يٽا لڳي هئـي جنهن جو سرو آهي "مان ڪهڙ"
ن ۾ مون پڙهڻ جي پريڇه ڏني .

" دواري دواري ، نگر نگر ۽ ڊگر ڊگر
اهوئي الک جڳايان ٿو - اهائي صدا لڳايان ٿو
او منهن جا ڀائو - هي منهن جي ڀيڻ
هي ملڪ جا جوان - هي ملڪ جا ٻالڪ
ڪريو پاٺ ۾ سدا همت ۽ محبت
ڪريو ڪين ڪڏهن پاٺ ۾ ڪلفت
ڪريو پاٺ ۾ ايڪتا ۽ سنگٺن
رکو ياد سدا سنڌ کي - ماتر ڀومي کي
سنڀالي رکو سنڌو سنسڪرتي ۽ سڀيتا
ڪين وساريو پنهنجي ٻولي - مٺڙي ٻولي
پياري ٻولي سنڌي ٻولي
اهوئي ناد وڄايان ٿو
ٻڌا آلاپ - ٻڌا اڪتاري
آءٌ وڄان ٿو دواري دواري ."

انهن ڀاترائن ۾ مون ڏٺن ڪونه ڪڏ ڪهو آهي پر
...ز مودن جا پيدار مون ومت جام آهن . آءٌ ڪو رئيس
...ڪونه آهيان ۽ نه وري اسان جي سنستا ڪا مالدار
...هي ان ڪري ياترا مونکي ڪهڙين ڏکين حالتن ۾

سنگٺن ڪونه ٿي سگهندو . اڄ به راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جــي سکيا ورتل آهيان ان آڌار تــي پنهنجي مترن جــي سهيوگ سان ڳوٺ ۽ شهر شهر گهمي سنڌين جو سنگٺن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ڪجهه حد تــائين سڦلتا ملي آهي ان سڦلتا جو راز جوڳين جهــان الــکه جڳائڻ ئي آهي . سنڌي سنتن کي ڪلاڪارن کي گائڪن کي نرتڪن کي تــه ڀاٽ وٽ گهرائيندا آهن پر ڪڏهين به سماج سيوڪن کــي يا سماج سڌارڪن کي گهرائي انهن جو سداُپديش ڪونه ٻــڌن ان ڪري اڄ پنهنجو ڪاروبار ڦٽائي ڪم ڪار ڇڏي پيٽي هٿ ۾ ڪٽي ٻڌا ڪنهن نهڌي جي نڪريو پــوان ۽ پهچي وڃان . اخبارون ته هڪ واهن آهــن اوهان وٽ مونکي پهچائڻ جو . ڪڏهين بــه ڪنهي به انهن ڪونــه ڇوان ته اوهان جي شهر ۾ سنڌي سماج جو راشٽريه اڏيکش اچي رهيو آهي توهين هن جــو سواگت ستڪار ڪريو . وڏا مهڙ رکو .

جوڳي اوهان جــي شهر ۾ اچي ٿو الــکه جڳائي ٿو ڪوئــي ٻڌي ته واهه واهه نه ٻڌي ته بــه سندس مرضي . جــي ڪڏهين جوڳي جو سداُپديش ڪونــه ٻڌندو تــه ان ۾ نقصان جوڳي جو نه آهــي بلڪ نــه ٻڌندڙن جو آهي جي ڪڏهين جوڳي کي هو ٻڌن ته

ٻيا ڪهڙا پڌاڪاري ؟ ڪم ڪندڙ پنهنجي هڙان پئسو خرچ ڪري سماج جي ڪم کي هلائي رهيا آهن ڳڙ جاٽي ڳڙ جي ڳوڙهي جاٽي . ان هوندي به چالاڪ ته اسان کي نصيب ۾ جس به لکيل نه آهي ان سبب کي سمجهڻ اسان جي بدنامي ڪرڻ ۾ به وسان ڪين گهٽائن . هڪ اهڙي مٽر کي مون چيو ابا ٻڌاءِ ته تو ڪڏهين پنهنج روپيه اسان کي دان ڏنو آهي تنهنجي ٻڌي ڪنهن مت مائٽ يار دوست ڏنو آهي هن جو جواب سڌي سوالن لاءِ نه هيو پوءِ به اهو سچ ڪوڙا الزام لڳائي ته ان کي ڇا چئجي . سنت ڪبير چوي ٿو ته ”نندا هماري جو ڪري مٽر همارا سوءِ“ ٻيو سنت چوي ٿو ته ”نندڪ نيڙي راکيئي آنگن ڪٽي ڇڏاءِ“ سو سنتن جي ان قسم جي سکيائن تي عمل ڪندي اهڙن گلا ڪندڙن کي به اسين پنهنجو مٽر سمجهون ٿا . سمجهون ٿا ته اها به ايشور جي اڇا آهي چالاڪ ته سنسار ۾ جهڪي ڪيچ ٿي رهيو آهي سو هري اڇا سان ٿي رهيو آهي .

ڪنپٽلي :— توهان پنهنجي جيون ۾ ڪڏهين نه ڪڏهين پنهنجي اکين آڏو يا پرڏي تي ڪنپٽلي جو کيل ضرور ڏٺو هوندو پر جي نه ڏٺو هجي ته موقع ملڻ تي ضرور ڏسندا . ان کيل ۾ سڀ ڪلا ڪار

۽ ڪشٽ دائڪ ڪرڻي ٿي پوي اُن جي ڄاڻ مون
کي آهي انهن ياترائن ۾ اهو به گهڻيئي دفع محسوس
ڪيو آهي تـــه منهنجو سچو سائين مون سان سدائين
گڏ هوندو آهـي ۽ هو ئي منهنجي سار سنڀـــال لهندو
آهي . مون جهڙا جي ڪڏهين ٥-٧ ڀيرا به ڪم ڪندڙ
نڪري پون تـــه سنڌين جو سنگٺن ڪهڙو ڪري اسين
سنڌي سماج ۾ سڌارو آڻي سماج کي هڪ آدرش روپ
۾ ڪڙو ڪري سگهون ٿا .

پيش :— سنت تلسيداس پنهنجي دوهي ۾ اهو
به لـکيو آهي پهه (جس) ۽ اپ جس به وڌاتا جـــي
هٿ وس آهي اها به ڳالهه سو ٽڪا صحي آهي مون
۽ منهنجي ڀين سائي ڪم ڪندڙن جيتـرو ڪم ڪيو
آهي اُن مطابق جس اسان کي نه مليو آهي . سماج ۾
جڏهين ڪم جي قدرشناسي ٿيندي تڏهين جس بـــ
پاڻهي ملندو .

جس ته نه مليو پر اسان وٽ ڌن سمپدا به ڪون
آهي مـون اُجهن ۾ ٣ آگسٽ ٩٦ تي ٿيل اکل ڀارتيه
سنڌي سماج جي ڪاروباري ڪاميٽي جي ميٽنگ ڪـــي
ٻڌايو هيو ته اکل ڀارتيه سنڌي سماج وٽ ڪو به بئنڪ
بئلنس نه آهـــي بلڪ ڪيندريه ڪارياليه مٿان ٢٥
هزار روپيه قرض چڙهيل آهي نه رڳو آهي اڪيلو بلڪ

۽ نه ڪا ڪري سگھون .

پروفيسر رام پنجواڻي ۽ هڪڙو ٻيو ڳائيندو هو :—

نچ ناچو الهڻي وبل نچڻ جي

اسين نچڻ وارا آهيون اسان سنسار ۾ نچائڻ واري جي اشارن مطابق ٿي نچندا آهيون .

مهاڪوي ڀڳت سورداس جو هڪ پد آهي :—

اب مئن ناچيو بهت گوپال

ڪام ڪروڌ ڪو پهن چولنو - ڪنٺ وشئه ڪي مال

اب مئن ناچيو بهت گوپال

هن ڪايا جي جيون جي ٧٢ سالن ۾ آءٌ به خوب نچيو آهيان . الڳ الڳ ڪمن ۾ ڪم ڪيو اهو سڀ پرڀو جي ڪرپا سان ٿي سگهيو ٿي سگهندو آهي نه ته منهنجي ڪهڙي همت جو آءٌ ايڏو ڪم ڪري سگهان ايڏي سفلتا همت ڪري سگهان ايڏو ساهس ڏيکاري سگهان هن عمر ۾ به اهان نچڻ جي (ڪم ڪرڻ جي) شڪتي پرم پتا پرميشور ڏني آهي هن جي مونتي مهر آهي هن مونکي جي ڪڏهين شاهوڪاري نه به ڏني آهي ته مونکي ڪنهنجو قرضي به ڪونه ڪيو الائين . جيتوڻيڪ منهنجي ڪايا پراڻي هئڻ سبب ڪجھ ڪمزور ٿي آهي پر ايشور جي ڪرپا


لڪڙي جا گڏا هوندا آهن جن کي ڏوريون ٻڌل ٿينديون آهن . اهي ڏوريون پڙدي پٺيان ويٺل سوترڌارَ جي هٿن ۾ هونديون آهن کيل ۾ اوهان کي سوترڌارَ جو درشن ڪونه ٿيندو بلڪ گڏن گڏين کي اوهين نچندو ۽ پنهنجو پارٽ ڪندي ڏسندا ان پارٽ مطابق سوترڌار اُن گڏي گڏي کي نچائيندو آهي کيل جي پاترن کي نچڻ به پنهنجي وس ۾ نه ٿيندو آهي اُنهن پاترن جا ڊائلاگ به پڙدي پٺيان اُچاريا ويندا آهن .

اهڙيءَ طرح هن سنسار ۾ اسين پراڻي به صرف ڪاٺ جون پتليون آهيون . اسان جو سوترڌار اسان جو وڌاتا ئي آهي جيڪو ڪم هن جيون ۾ اسان لاءِ اڳ ۾ ئي هن رٿي ڇڏيو آهي اهوئي ڪم اسان ڪريون ٿا پر ڪرائڻ وارو ڪو ٻيو آهي وچ ۾ اسين پنهنجن جي پٺي پاڻ ئي پاڻ کي شاباس ٿا ڏيون . سنت ڪوي چوي ٿو :—

”واهِ، سڀڪڇ تنهنجي وس۔
آءٌ ڪا پـاڻ وهٽي .“

هي منهنجا مالڪ منهنجي ڏور تنهنجي ئـي هٿ وس آهي آءٌ پاڻ اڪيلي سر ڪجهه ڪين ڪري سگهندس . ان ريت پر ٻيو ڪريا ڪان سواءِ اسين ڪجهه

ڪٺپتلي



ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي هن ڪتاب ۾ هڪ انمول انوڀوت سمجهي ڏي سامهون آندو آهي جيڪي شخص هر ڳالهه ۾ مان - مان جو سر آلاپيندا آهن هي پستڪ انهن لاءِ راهه ڏيکاريندڙ آهي اسان ڀاڳ ڪيچ ۾، نه آهيون جيڪي ڪيچ اسين ڪريون ٿا اهو سڀ ڪرائڻ وارو ڪو ٻيو ئي آهي اسين سڀ هن جي اشارن تي نچڻ واريون ڪٺپتليون آهيون جي ڪڏهن اها سچائي سمجهنداسين ته جلد ئي اهنڪار جي وڪار کان بچي سگهنداسين.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي پنهنجي اهم ڀاو ڪٿي ڪهاڻي سڀ ڪيچ ايشور مٿان ڇڏي هڪ سندر مثال پنهنجو اسان اڳيان پيش ڪيو اٿس جنهن لاءِ کيس ڌنيواد.

ڪنهيا لال بجاج


بجاج بلڊرس پوسٽ باڪس ٢٨ چاليس گانءُ
ضلع جل گانءُ (مهاراشٽر)

آهي ته، ڪو پڻ ڪر موڏي مرض به ڪونه لڳو آهي .

سرسوتي ماتا جي مٺهڙي مهان وڏي ڪرپا آهي جنهن مونکي لکڻ جي شڪتي ڏني ۽ لکڻ لاءِ ٻڌي ڏني آهي هن وڏي عمر ۾ مونکي ڪويتا ڪرڻ جي پريرڻا ڏني آهي آءٌ جيڪي به ڪويتائون لکندو آهيان اهي اڏيهن پورڪ اڏياتم ۽ ديش ڀڳتي جي ڀاونا سان ڀريل هونديون آهن .

بهت ڪٿي ڏوري به گذرجاءِ . ايشور ڪرپا سان هن بندي جي جيون جا ۷۲ سال گذري چڪا آهن باقي جيترو به، وقت سائين حياتي بخشي ته اهـا ڪيس پرارٿنا آهي ته آءٌ ڪرم ڀمڪ تي هلندو رهـان جيون جي انهم گهڙي تائين هي جيون ست ڪرمن ۾ سيوا جي ڪمن ۾ وتيت ٿئي پر ڀو مونکي ٻـل ڏي ٻڌي ڏي نام دان ڏي پنهنجي چرڻ ڪملن جو ڌيان ڏي . آءٌ ڀاپن کان پري رهان پنهنجي آتما جي شڌي ڪريان پنهنجي پتت آتما کي ست ڪرمن دوارا وري اونچي شکر تي وهاري سگهان جئن موکش پرايتي جي لائق بڻجي سگهي .

ايشور ۾ اٽوٽ وشواس



ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي طرفان هن پستڪ ۾ سندس ايشور ۾ اٽوٽ وشواس جي اظهار ڪي پنهن جي جيون جي آزمودن مان سڌ ڪيو آهي پنهنجي جيون ۾ ڊاڪٽر ايسراڻي جي ڪاميابي جو راز ايشور تي اٽوٽ وشواس ئي آهي. اچو ته اسين ٻيءِ پنهنجي جيون کي ان ڪسوٽي تي پرکيون هي پستڪ اڪٽلام لک لک واڌايون ۽ سندس ڪاميابي لاءِ شڀ ڪامنا.

رام جيٺملاڻي

ڪيندريه منتري شهري وڪاس
۽ روزگار منترالہ ، دهلي



ٽوري ۾ واقفيت

(ساهتيڪ ڪيتر ۾)

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

بي اي ايل ايل بي، پرڀاڪر

ڊاڪٽر آف سوشل ويلفيئر ڊاڪٽر آف جڊيشل افيئرس
فادر آف سنڌي رفارمس (آنري ڊگري WDP)
ائڊووڪيٽ پوسٽ باڪس 89 اجمير 305001
سنڌي، هندي ۽ انگريزي ۾ ليکڪ ڪوي،
رچناڪار، وارتاڪار، ڪهاڻيڪار ۽ پترڪار
اڳوڻو چيئرمن - راجستان سنڌي اڪادمي
پرڌان - اکل ڀارت سنڌي سماج
ننڍي هوندي کان لکڻ جو شونق
١٢ ڪتاب سنڌي ۾ ۽ ٦ ڪتاب هندي ۾ لکيل
٣ ڪويتا سنگره، هندي توڙي سنڌي ۾
پئٽرن - ڀارتيه ساهتيه پريشد اجمير ۽
پرانتيه اپ پرڌان چتور ۽ پرانت ڀارتيه ساهتيه پريشد
صلاحڪار- اکل ڀارتيه سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه پرچار مهاسڀائي
ميمبر - آٿرس ڪلب آف انڊيا
اڳوڻو ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي - اکل ڀارتيه سنڌي
ٻولي ۽ ساهتيه پرچار سڀا سميتي
سمپادڪ هندو ڀومي سنڌي ساپتاهڪ، اجمير
سنستاپڪ اجمير ڪيسري هندي ساپتاهڪ، اجمير